# ساهت ۽ ساهتڪار

Asha Chand
12 B/2 Jethi Behan Society, Mahim
Mumbai - 400016
9769313331 | 9821473200.
www.AJUttam.com
Info@SindhiSangat.com

# ساهت ۽ ساهتڪار

(ادبي ۽ تنقيدي مضمون)

This book has been donated by
Shri. Lakhu Khilani
to INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY

ليکڪ: اي- جي- اُتم

# ساهت ۽ ساهتڪار

(ادبي ۽ تنقيدي مضمون)

ليکڪ: اي. جي. اُتم

قيمت ۵ رپيا

ڪتاب ۵۰]          [ڊسمبر ۱۹۷۴

نئين دنيا پبلشرس
اي-۴ هيراباد مئنشن
سيتلاديوي روڊ، مهيم، بمبئي ۱۶

# فهرست


۱- ساهت ۽ ساهتڪار ۹

۲- عزيز جو ساهت ۱۷

۳- گرونانڪ ديو ۳۳

۴- سنڌو سنسڪرتيءَ جو ورثو

۵- ساميءَ تي هڪ نئين نگاهه ۴۹

٦- ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ بغاوت ٦۵

۷- ڀارت ۾ سنڌي ساهت ۸۵

۸- ڪاليداس ۱۰۵


---

## درستي

صفحي ۹٦ تي ۱۲ سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ هيمراج ناگواڻيءَ جو نالو ڇڏڻ کپي ۽ صفحي ۹۸ تي ۵ سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ هيمراج ناگواڻيءَ جو ڪتاب "مور نچندا رهن" پڙهڻ کپي.

---


Printed by Komal Printers, Near block No. 21, Kopri Colony, Thana (East).

Published by Ram Jethanand on behalf of Naeen Duniya Publishers, A-4, Hirabad Mansion, Sitladevi Rd., Mahim, Bombay-16.

# آرپڻ

مرزا قليچ بيگ
ديوان ڪوڙومل چندنمل
رشي ڏيارام گدومل
شري پرمانند ميوارام

# پہ لفظ

هي منهنجي مضمونن جو ستون ڪتاب آهي جيڪو پاٺڪن اڳيان پيش ڪريان ٿو. اُنم سنڌي ساهت ۽ ڪن ساهتڪارن تي لکيل اَدبي ۽ تنقيدي مضمون ڏنل آهن جي وقت به وقت پٽي لکيا اَٿم. مون سدائين اها ڪوشش ڪئي آهي ته پنهنجي مضمونن ۾ ڪا نئين روشني ڪا نرالي نگاهه ڏيان. هن مجموعي ۾ به اُهي مضمون ڏنا اٿم. ليڪن اُهي ڪيتري قدر نوان ۽ نرالا آهن ۽ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب آهن يا نه سي رڳو پاٺڪ ئي ٻڌائي سگهندا. مان اُنهنجي راءِ جي آجيان ڪندس.

**اُتم**

# ساهت ۽ ساهتڪار

ساهت انساني وچارن ۽ ڀاونائن، امنگن ۽ آرزن جي دلڪش ۽ دلچسپ نموني ڪيل اظهار جو نالو آهي. اهو انساني سماج جو آئينو آهي ۽ هن دنيا جي عدالت ۾ ان جو هڪ قسم جو شاهد آهي ۽ زندگيءَ جو ترجمان آهي. انڪري ساهت جو سماج ۽ زندگيءَ سان اٽوٽ ناتو آهي. ٻنهي جو هڪٻئي تي اونهو اثر ٿئي ٿو. ساهت مان پنهنجي وقت جي سماج ۽ ان زماني جي زندگيءَ جي جهلڪ ملي ٿي. انڪري ساهت جو آدرش سماج ۽ زندگيءَ سان ڳنڍيل ٿئي ٿو.

جئن جئن سماج ۽ زمانو بدلجي ٿو تئن تئن اهو پرڀاءُ

باخبر يا بيخبر سڌيءَ طرح يا اڻسڌيءَ طرح ڪنهن نه ڪنهن جو طرف وٺي ٿو جنهنجو عڪس سندس رچنا ۾ ملي ٿو. هو نه چاهيندي به طرفدار بڻجي ٿو. انڪري ڪنهن به ساهتڪار جي بيطرفدار رهڻ ۽ بي مقصد "ڪلا، ڪلا لاءِ" ساهت رچڻ جي دعوا بيمعنيٰ آهي.

ڪي ساهتڪار وري چوندا آهن ته سچو ۽ اوچ ساهت اهو ئي آهي جيڪو مڪان، زمان ۽ سماج جي بندشن کان مڪت آهي ۽ عالمگير ۽ آبدي وشين تي لکيل آهي. هنجي وچار ۾ سماج ۽ زندگيءَ جي آرٿڪ، سماجڪ ۽ راڄنيتڪ مسئلن، وشين يا پهلن تي لکيل رچنا ساهت نه آهي.

اسانکي سڌ آهي ته هن دنيا ۾ ڪا به چيز اٽل ۽ ابدي ڪانهي. تبديلي ئي زندگيءَ جو اٽل نيم آهي. هر ڪا شيءِ، انسان جي سڀاءَ سميت. زماني سارو ڦرندي رهي آهي. ڪير دعوا سان چوندو ته پراچين سمي واري انسان ۽ اڄ واري انسان جي سڀاءَ ۽ وچار ۾ فرق ناهي؟ اڄ جو انسان پراچين انسان کان هر ڳالهه کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ، وچارن وهنوارن وغيره ۾ ڦريل نظر اچي ٿو. پراچين انسان قدرت جي بيجان طاقتن کي چنڊ، سج، باه، برسات، وغيره کي ساهوارو سمجهي پنهنجي رچنا ۾ انجو چتر چٽيو آهي، جئن ويدڪ زماني جي ساهت پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو، جيڪو چتر اڄ جو ساهتڪار نٿو چٽي. ان وقت

بيڪار بڻجي ٿي پوي.

زندگيءَ جي حقيقي تصوير ڪڍڻ جو مطلب اصل اهو اصل ڪونهي ته ساهتڪار رڳو حقيقتن جو نقل پيش ڪري يعني هو انهنکي جئن جو تئن ڪري اسان اڳيان رکي. ساهتڪار جو فرض آهي ته انهن حقيقتن جو اونهو اڀياس ڪري، انهنجي جدا جدا تصويرن ۽ تضادن سان جنسي جنگ جوني انهن مان صحيح ۽ سچو روپ پيش ڪري. ائين ڪندي ئي ساهتڪار فوٽوگرافر کان وڌيڪ ڪلاڪار ليکيو وڃي ٿو، جيڪو حقيقت جو چٽر چٽڻ سان گڏ ان کي بدلائڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ٿو ۽ جيون جي آلوچنا سان گڏ انکي بهتر بڻائڻ جو سنيهو ڏئي ٿو.

جنهن ساهت جي پاڙ حقيقي جيون ۾ کتل آهي، اهو عام جنتا کان جدا ٿي نٿو سگهي. جنتا جي جيوت ساهتڪار کي سندس رچنا لاءِ قيمتي ڪچو مال ميسر ڪري ٿي، جنهنکي پنهنجي رچنا-شڪتي ۽ ڪلا جي قوت سان هو نئين ناهي ساهت پيدا ڪري ٿو: جنتا جي جيون گويا هڪ سدائين لاءِ وهندڙ ساگر آهي، جنهن ۾ ساهتڪار ٽٻيون هڻي ملهائتا موتي ڪڍي مالها ٺاهي ٿو.

سوال ٿو اٿي ته کهڙو به سٺو مواد يا مال کهڙي به ڪجهسي صورت يا رومال ۾ پيش ڪرڻ سان ساهتڪار ڪاميابي حاصل ڪري سگهندو؟ اصل نه. ائين ڪرڻ سان ساهت اڪيچڙو تلهو پرچار بڻجي پوندو. ساهتڪار برابر

روپ جا مستان آهن، سي انسانيت جا وارث آهن."

هو هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:-

"ادب جو فرض هجڻ کپي ته هو پنهنجي ملڪ ۾ نئين زندگيءَ جو روح ڦوڪي، بيداريءَ ۽ جوش جا گيت ڳائي، هر انسان کي اميد ۽ خوشيءَ جا پيغام ٻڌائي ۽ ڪنهنکي به نااميد ۽ ناڪار نه ٿيڻ ڏئي. ملڪ ۽ قوم جي خيرخواهيءَ کي ذاتي غرض تي ترجيح ڏيڻ جو جذبو هر ننڍي وڏي ۾ پيدا ڪرڻ ادب جو عين فرض هجڻ کپي."

انڪري ڪنهن به لکيت جو جنتا کان بهتر ٻيو ڪو منصف ڪونهي. پر ان لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي. هڪ ته عوام شعور وارو هجي ۽ ٻيو هو آرٿڪ طور آزاد هجي. اهي ٻئي ڳالهيون اسانکي سماجوادي سماج ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون جتي ڪو به شخص اڻپڙهيل ڪونهي، بيروزگار ڪونهي. اتي ليکڪن جو طبقو نه جڻ شاهوڪار طبقو آهي. هننکي پنهنجين لکيتن مان اجورو ملندو آهي، جنهنمان هو پنهنجي سڄي زندگي سکي گذاري سگهن ٿا. هننکي پنهنجي لکيتن لاءِ پبلشر ڳولڻا نه پوندا آهن. هننجي لکيتن جو خوب قدر ڪيو ويندو آهي. پر سرمائيداري سماج ۾ ليکڪن کي پنهنجي اُدرپورنا لاءِ

نوڪريءَ لاءِ ڀٽڪڻو پوندو آهي، پبلشرن جو اڏيڻ ٽيڙو پوندو آهي. انڪري ئي ته ان سماج ۾ ليکڪن کي جيڪا آزادي مليل آهي سا اڪثر ڪري رسمي آهي، جا سماجوادي سماج ۾ ئي حقيقي بڻجي سگهندي آهي.

# عزيز جو سا

ڪنهن به ليکڪ جي ساهت جي اوک ڊوک ڪرڻ لاءِ هن جي ۽ هن جي زماني جي حالتن کي خيال ۾ رکڻ تمام ضروري آهي. ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي "عزيز" هن دنيا ۾ اُن وقت اک پٽي جڏهن ١٩ صدي پورن پساهه کڻي رهي هئي. انگريزن کي سنڌ فتح ڪئي اَڌ صدي مس ٿي هئي. جڏهن هو اڃا راڄنيتي طرح پنهنجون پاڙون پختيون ڪري سگهيا هئا. هندجي آندل سڀيتا ۽ سنسڪرتي جو اثر اسانجي سماجڪ جيون تي آهستي آهستي ٿي رهيو هو. ساڳئي وقت اڳئين ميراڻي سماج، اُنجي ٻوليءَ، رسم رواج ۽ ادب آداب جو اثر به

صفا آلوپ نه ٿيو هو.

عزيز جو جنم ١٨٩٧ع ۾ حيدرآباد شهر جي هڪ زميندار گهر ۾ ٿيو. اُن وقت زميندارن ۽ اوچ طبقي جي گهرن جو پالن پوشڻ ۽ تعليم تربيت وچولي درجي ۽ هيٺين طبقي وارن کان نرالي هئي. عزيز اڃا ٢٠ کن سالن جو ڳڀرو جوان هو ته ڪيس خانداني زميندارِيءَ جون واڳون سنڀالڻيون پيئون. انڪان اڳ هنکي اسڪولي جيون ۾ پارسي، عربيءَ جي عالمن، شاعرن ۽ اُستادن جي صحبت حاصل ٿي. انهن ڳالهين جو اثر اسانکي عزيز جي شاعريءَ تي ڪافي نظر اچي ٿو.

عزيز تي هڪ اثر ٿيو تربيت ۽ صحبت جو ته ٻيو وڏي ۾ وڏو اثر ٿيو محبت جو، جنهن (سندس ئي لفظن ۾) هنجي "دل جي دريا ۾ تلاطم مچائي" ڇڏيو. ڪنهن نازنين جي لينهن ڪيس اهڙو ته جڪڙيو جو هو سڄي عمر ڪنوارو ئي رهيو ۽ پنهنجون لائون لڏائين سنڌي ساهت سان. صحبت ۽ محبت، عزيز کي رومانيت واري شاعريءَ ڏانهن وٺي ويئون. رومانيت جي ڌارا ۾ جذباتي، سچاوت، انفراديت ۽ رنگين تصور جي حڪمراني هوندي آهي.

عزيز جي شعر جو اڌ حصو مس عشق ۽ پارسي آميز سنڌيءَ سان ڀر آهي. انڪري ماڻهن تي اهو اثر ويٺل آهي ته هنجي شاعري رڳو عشق ۽ دقيق ٻوليءَ سان

نمايان آهي. حقيقت ۾ هن عشق سان گڏ ٻين ڀانت ڀانت
جي وشين تي ۽ دقيق ٻوليءَ سان گڏ سليس سهڪ
سهڻيءَ ۾ به شاعري ڪئي آهي جيڪا پاڻ اُن ڪان
ڪجهه سرسيري ٿي ٿيندي. ۽ اهڙي شاعري ٿوري ٿي
سهين، عزيز نه شروعات ڪالوني ڪئي آهي. خود هن جي
ڏکئي ۾ ڏکئي ڪلام جي مجموعي "ڪليات-عزيز" ۾
پڻ اُها موجود آهي. مثلا ماتا، لڙڪ، مزدور، دلدار خاطر،
ديس جو ويچار جهڙا شعر ۽ شاهه جي سور مٿين ٿي
ٻڪيل غزل ۽ ڪجهه رباعيون. هتي جنس طور ڪي
ند ڏجن ٿا :-

١- جيجل جي هنج هندورو آسيس آهي، لولي
لوڏي سمهاري سک سان ڇاتيءَ جو هار، ماتا!

٢- اي ٿار من تني جا! اي غمزدن جي راحت
الدر جي آرسيءَ جي صورت جي آهين مورت.

٣- ديس جي آهي اعليٰ پڳتي-اهڙي جيئري ناهي جڳتي
حاصل ٿئي مرڻ تي مڳتي-هر پارين ٿئي جس جئڪار

٤- محبت ۾ مٺي ميهر جي تارن جڏهن ترڻ گهرجي
ڇڏي پيلي جي پر واهڙ ۾ واهر ريءَ ترڻ گهرجي.

٥- ڇڏهن پئسن جي ڪمائي لاءِ ڪڙهي ڏينهن سارو
پاڻ جهڙن جي اڳيان ڦرلدو ٿو ولي ويچارو.

جڏهن جڏهن عزيز جو مشاهدو وسيع ٿيندو ويو ۽ هو
ملڪ جي حالتن جو اثر جهلجندو ويو، تڏهن تڏهن سندس

ٻجيو ٿئي، پوءِ چاهي آهي قدرت جا نظارا هجن يا قومي
جذبا، هارين مزورن جي حمايت هجي يا انقلاب جي
آلاپ هجي، سنڌڙيءَ جي سار جا داستان هجن يا پيار
جا افسانا هجن.

ڏسو ته قدرت جي، تشبيهن سان ڏمڪار رنگين بيانيءَ
سان ڪهڙي نه خوبصورت چٽڪاري ٿو ڪري:-

مست هاٿين جو ڪٽڪ آهه هوا تي ڪو آئيو
جوش سان آئي چڙهائي ڪري هاڻي برسات،
چانڊجي ملڪ تي اونداهه ميڙهوڳي ڪان ويـو
آهه ڪا چادر ٽنبين آئي تان ورائي برسات.

(شاعراڻي شمع)

چانڊاڻ چوطرف ٿي ڪيئن ڇهڪيو ڇانئي
درياءَ روشنيءَ ۾ ٽوڪي فلڪ لڀائـي
شفاف بيري چادر ۾ ڏهڪندو مدهن لڪائي
ان وقت حسن ڏهڪندو بيحد ڪشش ٿو لائي
ڪڙلي چڪور والڪر دل تي چري ٿوئي ٿي.

(گلزار عزيز)

آيـو ڪٽـي بهار چمن ۾ هـزار گـل
ٽارين تي ۽ ٻوٽن تي ڦٽا بيشمار گـل
ڏرڻي چمن جي آهه ابرار تي چرخ سان
تارن جي مثل باغ ۾ ٿيا ٽانڊار گـل.

(آبشار)

عزيز جي قومي شعر جي خوبي اها آهي جو انهن ۾ جوش ۽ جذبو ٽمٽار آهي ۽ اهو صاف ۽ چٽو آهي. انهن نه رڳو ڌاريءَ حڪومت لاءِ نفرت ۽ ملڪي محبت ڀريل آهي، ۽ اُن سان گڏ ايڪتا لاءِ آلاپ، دشمن سان لڙڻ لاءِ للڪار ۽ آزاد ڀارت جي آئيندي جي تصوير پڻ ملي ٿي. اهڙو گهڻو ڪلام "پيغام عزيز" ۾ ڏٺل آهي. چوي ٿو:-

دشوار نه ٿيو ديس لءِ سر پنهنجو وڃائڻ
هڪ سر ڇا، هجن سؤ، ته ڪپن خوش ٿي ڪپائڻ
مان خون سان رنگين ڪندس ديس جي ڌرتي،
ٿيو فرض وطن سان مري نينهن نڀائڻ.

فرقيوار فسادن لاءِ شاعر جي دل جهڙي ڦٽي آهي ۽ درد وچان ٿڙڪندي چوي ٿو:

آثار قيامت جا پسون سخت نظارا
ماڻهو ٿيا مرون ملڪ ٿي پيو جهنگ ڇو آهي؟
ڦرمار رتوڇاڻ جي گرم آهي ٿي بازار
ڪسجن پيا ڪولدر، ٿا جلن گهر ۽ وڃن ٻار.
ڏاڍي ٿي ٻري، فرقه پرستيءَ جي جهالت
جنهن هند اندر آندي قيامت ٿي قيامت.
دوريءَ ڏنا درد، جي هاڻي ٿا سهايو
راحت ٿي ٻوي، هڪ ٿي، جي دشمن کي هڪاليو.

ڏسو فرقه پرستن تي ڪيڏي نه زبردست چوٽ اُڌر هڻي:-

ملڪ آزاد اڃا ناهہ تہ پاڳا نہ ٿين،
ڌومرڪش ڪيئن نہ اٿي پاڻمر ڏاڳا نہ ٿين.

عزيز، آزاد ديس جي خوشحالي آئيندي جو خواب لهندي چوي ٿو:-

خوش ٿيو ديسي لٽين سرسرو سامان ٿيندو
هي خزان ويندي وري فصل - بهاران ٿيندو.
ڪالهہ جي عيش ۽ آرام کي ڏايو ٿي سڪيا
اڄ انهن لاءِ وڏو عيش جو سامان ٿيندو.
بيڪسي ويندي مزورن جي گهرن مان نڪري،
گنج دولت جو ڏٺي ديس جو دهقان ٿيندو.

عزيز نہ رڳو خوشحال آئيندي جو خواب ٿي لڌو پر ديس کي خوشحال بڻائيندڙن هارين ۽ مزدورن جي حق ۾ بہ شعرگوئي ڪئي، جنهنمان سندس وطن دوستيءَ سان گڏ انسان دوستيءَ جي پڻ سڌ پوي ٿي. هن هاريءَ کي مخاطب ٿي ”هند جا هاري“ نالي هڪ وڏو شاندار شعر چيو آهي، جنهنجي پڇاڙيءَ ۾ لکيو ٿو:-

ڪر فڪر، اِجهو آهہ هي بدلڻ ٿي زمانو
خوشنود سگهو ٿيندي سنڌ ۽ جان ڏکاري
خونخوار ۽ بيرحم ڪري خاڪ ٿي پونـدا،
اَيرن ۽ غريبن کـي عطا ٿيندي سواري.
مزدور ۽ هاري ٿـي محلن مان سراسر
منشور ڪندا ملڪ ۾ احڪام هـواري.

ساڳيءَ طرح ”مزدور سان رهاڻ“ ۾ شاعر هيئن چوي ٿو:

راجا رئول ڪنهنجي ڪرامت جو آهه ڪم؟
ليڙن لٽن ۾ ڪنهنجو دکايل رهي ڏيو دم؟
نوڪر جهليندي ڪير ڪٽي سر تي بار غم؟
دايه پڙهندي مال سان، ڪير آهي چشم نم؟
مزدور صرف تون ئي جگر جو ٿو خون پيئن
پيڙو سڪيءَ جو ئي تو غرض جي ڪنڍيءَ تي لين.

عجب آهي ته ههڙن سهڻن بندن سان گڏ شاعر مزدور کي سڌارڪ وانگر وعظ به ڪري ٿو. چوي ٿو:

”تي نڪتچين پنهنجو سڌارو تون پاڻ ڪر
نقص آهه تو ۾ ئي تي نه تهمت جو بار رک.“
”هر وقت وير خون خرابيءَ کان رهه پري.“
”هيڙي بدو جي حد حسابيءَ کان رهه پري.“

هن مضمون جي لکندڙ، جڏهن ان نموني جي سڌارواديءَ شعرن تي، پنهنجي اڳئين مضمون ”پيوس ۽ عزيز جي شاعريءَ جو جائزو“ ۾ نڪتچيني ڪئي هئي، تڏهن عزيز اُن کي جواب ڏيندي لکيو هو ته ”اوهانجي سمجهه ۾ اهي بيت انهيءَ ڪري ڪريل آهن جو اوهان ساميوادين جي مذاق موجب نه آهن.“ (ڏسو نومبر ۱۹۵۸ ۽ مارچ ۱۹۵۹ جي نئين دنيا) ليڪن عزيز جي پوءِ جي شعري مجموعي ”صراحي“ ۾ نه اهڙا به شعر آهن (جن مان هڪ ”مزدور“ تي به لکيل آهي) جيڪي

"ساميوادي مذاق" موجب ئي اڪيل نظر اچنٿا ۽ انهن ۾
عزيز ڦهرايو ن دفعو "سرمايدار"، "مساواتي" (ساميوادي)
"اَميرن غريبن جا فرق" "قدامت" (رجعت پسندي)
"تغير" (تبديل)، "انقلابي نعرو"، "نئين تهذيب" "نئو
حيات"، "غني" (شاهوڪار) "پورهيت" لفظ ساميوادي
معنيٰ ۾ ڪم آندا آهن.

"مزدور" نالي غزل ۾ شاعر هاڻي اڳئين شعر وانگر
سدا روادي ڳالهيون نٿو ڪري، پر ڪيس مخاطب ٿي
چوي ٿو ته سرمايدار جي ستم جي بنياد جو پيڙهه جو پٽڙ
نه هٽيج وغيره. چوي ٿو:

سرمايه دار جو تيو هنگام خيز ظلم
تي پيڙهه، قائم انجو نه بنياد ڪر ڪڍهن
پورهئي جي شان جو هيءُ علم قوڪي واءُ ۾
رسمن جي قيد ڪان نه دل آزاد ڪر ڪڍهن.

هئي غزل ۾ شاعر اَميرن غريبن جا فرق مٽائڻ جي
مساواتي اعلان سان گڏ چوي ٿو ته ڪنهن لاءِ به خاص حق
قائم نه رهندا:

"نه رهندا رهگذر تي خاص حق ڪنهن لاءِ دنيا ۾
جوهر عشرتڪده ڪي، گهر مان هر ڪنهنجو هٽائيندس
اَميرن ۽ غريبن جا مٽائي فرق سڀ هيڪر
جهان اندر سڀ هرڪو مساواتي هلائيندس."

عزيز جو ساميوادي پڙنگ تي لکيل بهترين نظم آهي

"تي نئين تهذيب جي پروردگار" جنهن پنهنجي دل کي چوٽيو، "پڙ ڪمر، هي زندگي آهي نه خواب.. پاڻ تي پاڙي ڇو ويهين ٿي حقير-رت ولوڙين ٿون، مڙا ماٺي اُمير... هر ڪجا تبديل ٿي منظور آهه... انقلابي مار نعرو زوردار" ۽ اُتي نئين زندگي ۽ تهذيب جي طرفدار ٿي. ان نظم جو آخرين بند اٿس:

انقلاب آهي قدامت لاءِ ڪات
جسم ۾ ڏهمن جو ڪري هيڪر جو مات
تو ڏئي اَڪسير ٺهجي نؤ حيات
دل! قبوليج اُنهي هر معقول بات
تي نئين تهذيب جي پروردگار.

عزيز جا مٿيان ۽ ٻيا ترقي پسند ويچار "صراحيءَ" جي نه رڳو غزلن ۽ نظمن ۾ پيل آهن، پر ڪافي رباعين ۾ به آهن، جيڪي سنڌي شعر ۾ نئون اضافو آهن. البت ٢١۴ رباعين مان ڪي، ڪن غزلن ۽ نظمن وانگر مدي خارج ويچارن واريون به آهن. هڪ رباعيءَ ۾ ساميءَ جي ڪوتا جي هڪ سٽ "غريبي گلزار ٿي، مچاري مينگهو ڇوي" کي ڪٺي ڇا نه دردناڪ دانهن ڪئي اٿس:

"مينگها! تو ڇيو ڪئن "ٿي غريبي گلزار."
هر ڏار لڳي نيل وجهي اُنهي، يار!
گل، داغ جگر جا ٿي، جلائن هر هر،
خواريءَ جو سبب خلش ڪري ٻيا ٿي خار.

ٻي هڪ رباعيءَ ۾ ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه شاهوڪارن کي پورهيتن جي خون چوسڻ جو بدلو ڏيڻو پوندو:

هي جام گلابي ٿي غبي ايشڪ ٽاٽ،
پورهيت جو اهو خون ٿيبي، ناهي ٻاٽ،
تلوار هلي وقت جي ونندو بدلو،
انصاف جو نعرو ٿيو، انجو چمڪاٽ.

عزيز پنهنجي آخرين مجموعي ”سوز و ساز“ (١٩٧٠) ۾ به ظلم جي اوگهڙ ڪئي آهي ۽ انصاف جي تقاضا ڪئي آهي. هڪ شعر ”ڪنٽرول“ ۾ لکيٿو:-

”نئين سنٽر جا ڏهاڙي شڪار آهيون اسين
ڏکن ۾ پيا پلي خود اقتدار آهيون اسين.“
”ٿي ڪنٽرول ٿي ڪا شيءِ ملي ڪ موت آهي
ٻهي ٻهي ٽڪا اندر قطار آهيون اسين
پيٽ لاءِ ٻاٽي، هوا آ ٻچي ڪيڻ خاطر
جيئون ته ڪيئين جيئون، جاندار آهيون اسين.“
”ٿوهال جان ٿي پيئي اساڻي پياري حيات
ڪري جي ڪجهه، وجهون اي ميار آهيون اسين.“

ورهاڱي بعد سنڌ ڙيءَ جي ياد ۾ هن هڪبئي پنيان ڪيترائي شعر لکيا، جن مان گهڻا سندس مجموعي ”آبشار“ (١٩٥٣) ۾ ڏنل آهن. انوقت هتي هنجائي اهڙا گهڻي ۾ گهڻا سنا شعر لکيل هئا. سنڌ جي ياد ۾ لکيل هيٺين غزل ۾ ڏسو ته گل بلبل، شمع پروانو ۽ ليلا مجنونءَ جي

جهولين تشبيهن کي ڪيئن نہ خوبصورتيءَ ۽ معنيٰ آفرينيءَ
سان ڪم آندو اٿس:

وطن جي باغ جا وسري نہ بلبل کي ترانا ويا
پيا ٿي دور گل جي ۽ ڦٽي جي آشيانا ويا
خلل اهڙو پيو بلبل، چمن جي همصفيرن ۾
پيا اکيرا ڇڏڻا جو سي ٿيندا قيدخانا ويا
ڦٽي محفل، اجهاڻي شمع، ويا پروانا پر ڪوهي
تصور مان نہ سوز ۽ ساز جا سي داستانا ويا
"عزيز" آهي اهو ٿي سنڌ جي ليلا سندو مجنون
نہ پورا دور دنيا کان ٿي قصا عاشقانا ويا.

ٻئي غزل ۾ چوي ٿو:

ديس پنهنجو ڇڏي پرديس وسائي دنيا
روح جي جن سان رچي، ماڳ مٽائي ويٺا
هن دورنگيءَ جي عجب دور جدايون آنديون
پنهنجا پنهنجن کان اَڏا دور اَڏائي ويٺا
سي رهاڻيون ڪٿي، ديدار ڪٿي پيار ڪٿي!
ڪن، اکيون، دل ٿيئي دلدار سڪائي ويٺا
جنهن لءِ پنهنجا پراوا مون ڪيا ترڪ عزيز
سيئي سوُرن جا ڏيئي ساٿ سجهائي ويٺا.

"سنڌ جي سڪ" واري نظم ۾ وطن لاءِ خوب هنجون هاريون اٿس، ۽ ان مان هيٺيون مصرع تہ شاهڪار درجو حاصل ڪري چڪي آهي:-

”ڪهڙو ڀيو ٿا سنڌ جي املاڪ جو ڪليم
املاڪ منهنجي سنڌ ٿي، حق سنڌ ٿي لڳي.“

عزيز جي ڪن شعرن ۾ سنڌ جي سار لاءِ ايترو ته اُجهل جذبو ۽ سڪ سمايل آهي جو پڙهندي پڙهندي دل ڏري پوي. ”سنڌڙي جي ياد“ ۾ چوي ٿو:-

الاهي ساري وطن آب اکين هاريون ٿا
نه پڇ ته ديس کان ڪيئن ڏار وقت گهاريون ٿا
اُتن ٿا آڏيءَ اُڏاما اُٿي پڪاريون ٿا
وطن ڏي آس مان اُکڙيون کڻي نهاريون ٿا
ڪڏهن اسانکي وري ڏيندي سنڌ اباڻي نصيب
ڪندو اسانجي اِليئي ڇا سڀ پڄاڻي نصيب؟
وطن ڇڏيوسين ته پنهنجي ڀايون مان عزت
ڪيوسين ترڪ اُهيءَ ڪاڻ مال ۽ دولت
وڃائي عزت و دولت پرائي سُون ذلت
پڳاسون جنهن کان سري سر ٿي آئي سا آفت
اکين ۾ آب، اندر آهه، چپ نه چوريون ٿا
حيات جو هي اُگهڻ سُور ڪاٽي سوريون ٿا.
اسانکي صدقي جي اِڪري ڪريجي سيڪي ٿيا
اُهي نه ڇٽبا جي ظالم ته، ڇٽبا ڪهڙا ڀيا
جنهين کان ديد حيا ڀورين موڪلائي ويا
انهن جي آهيون ڇو سنڌي اڇي ڀاري پيا
ڪڇُون نه ڪوڙ چون ٿا، لڇُون نه ڇوري آهه
اهو ٿيو داد، ڀلا ڪهڙي ڏيندي زوري آهه.

امید آهي ڏکيا ڏينهن ٿيندا جلد گذر
"عزيز" ديس وري هلبو مفت فڪر نہ ڪر
سگهو ٿي ايندو آهو انقلاب ملڪ اندر
ڪندو دلين ۾ تعصب بجاءِ قرب جو گهر
سياھ ليڪ تواريخ جا ورق رهندا
گواهي ڏيندا سنڌي ڪهڙا ويل ويا سهندا.
(نئين دنيا-١٩٥٥)

عزيز جو عشقي شعر جڏهن اجائي سجاوت ۽ جوش کي ترڪ ڪري سادگي ۽ سنجيدگي اختيار ٿو ڪري تڏهن دلسوز ۽ دلڪش بڻيو پوي. عاشق جي بيقراري جو بيو گهڻن ئي نمونن ۾ ورنن ڪيو اٿس. پر هيٺين نموني جو بيان لاثاني آهي. چوي ٿو:

اکڙيون ڦرن ٿيون ڪنهنجي هي ڳولهڻ لئہ رات ڏينهن
گردش ڪٿان اڄ آئي، هي پاي نگاهہ ۾
هن جي سوا اچي نہ ٿو ڪجهہ بہ نظر عزيز
پنهنجو ڪو نور آهہ ڇڏي ويو نگاهہ ۾.

عشق جي آهہ، اندر جو اندر ۾ ڪهڙا باهڻ باري ٿي، تنهنکي لڪائي ڪيترو لڪائبو، سو شاعر ڪهڙي نہ نزاڪت سان هڪ پردي ۾ بيان ٿو ڪري:

لوڪن کان لڪائم ٿي اڳي، هاڻ ڪريان ڇا
هڪ هڪ ٿي ڪليو درد، اٿي داغ بدن ۾.

معصوم محبت جو اظهار جيڪو عزيز هيٺين شعر ۾

ڪيو آهي سو هن مشڪل کي ٻئي ڪنهن ۾ ڪيو آهي:

دل پرچي ڇوي اک کي: بدنام نہ ڪر روئي
اک پرچي ڇوي دل کي، پڌري نہ ڪهاڻي ڪر

هي شعر ايترو تہ گھائيندڙ آهي جو شڪ ناهي تہ، ڪنهن نازڪ طبيعت واري پاٺڪ جي دل هن شعر پڙهڻ سان پرچي بہ اچي. هي مثال "ڪليات عزيز" مان ڏنل آهن.

فراق سان قتيل دل جو اظهار گھائيندڙ ۽ سنجيدي لهجي ۾ روالي ۽ ميناج سان پر لفظن ۾ هيئن ٿو ڪري:

موت ۽ حيات آهہ فقط هجر ۽ وصال
دل ڪشمڪش ۾ عشق جي، جي جي، مري مري.
وعدو پري جي لنهنجو تہ دوري بہ دور ناهہ
هت عمر جو حساب هلي ٿو هري هري.
ڪنهن جي لي انتظار ڪان دل بي قرار آهہ
سڏڪا ڀري پريان تو ڇو آهون ڀري ڀري؟
تارا ٽڪيندي، ورهہ جون راليون لنگهيون "عزيز"
گھاريا سين ڏينهن هجر جا ڏکڙا ڏري ڏري.

افسوس اهو آهي جو ههڙا سهڻا شعر عزيز جي عشقي عرن ۾ ٿورا ملندا، شايد ڇوٿون حصو مس هجن. اهو ڪري آهي جو عزيز جو عشق جي باري ۾ جيڪو تصور آهي، سو ذري گهٽ روايتي آهي- جهڙوڪ پارسي، ايراني ۽ اردو شاعرن وارو، جيڪي خيالي مذڪر

معشوق جي حسن ۽ بيوفائي، فراق ۽ وصل متعلق ڏي
شعر گوئي ڪندا هئا. ان تصور موجب معشوق جي ملڻ
سان تقدير بدلجي ويندي آهي ۽ ان پٺيان دل، ايمان
سڀ ڪجهه گهوري ڇڏبو آهي. عشق جي غم کي
دل سان وڻي، عمر ڳاري ڇڏي آهي يا معشوق جي
زلفن ۾ وهڻ سان آرام ملندو آهي وغيره. ليڪن اڄ
عشق جي باري ۾ اهو جهونو تصور بدلجي ويو آهي.

اڄ خيالي مذڪر معشوق جي جڳهه، هڏ ماس جي
پتليءَ ورتي آهي، جنهن سان محبت ونڊڻ ۾ ٻه مکيه
رڪاوٽون آهن- سماجڪ ۽ آرٿڪ بندشون. اهي ٻئي
محبت روپي محلات جا دربان آهن، جنکي هٽائڻ سان
ئي ان کي حاصل ڪري سگهجي ٿو. اهــا ڪا پري
پيڪر يا سونهن جي ديوي ناهي. پر اها مرد جي
همسفر عورت آهي.

اڄ اسانکي صرف عشق جو غم نٿو ستائي پر جهان
جا ٻيا غم ابترا ته آهن، جو عشق جو غم انهن اڳيان ڇڻ
هيچ پيو لڳي. خالي پيٽ سان ڪو ڪهڙو عشق ڪري
سگهي ٿو، سو هرڪو سمجهي سگهي ٿــو. عشق اڄ
عيش جي چيز ناهي، بلڪ هڪ ضرورت آهي- اهڙي
جهڙي روٽيءَ جــي، علم جي يا اُجهي وغيره جــي
ضرورت آهــي. عشق جي ضرورت ٻين ضرورتن سان
ڳنڍيل پيئي آهي. اهڙي تصور سان لکيل عشقي شعر

تي جنتا جي جذبن جي صحيح ترجماني ڪري سگهندا ۽ اهڙي ترجماني اسانجي نوجوان ترقي پسند اديبن ضرور ڪئي آهي.

عشق بابت روايتي تصور سان گڏ، عزيز جو نظريو ويدانتي، رهبانيت پسنديءَ ۽ آدرشوادي آهي. الهن ويچارن وارا شعر سندس شروعاتي ”ڪليات عزيز“ ڪانوتي ڀڃاڙيءَ جي ”سوز و ساز“ تائين وارن مجموعن ۾ پکڙيا پيا آهن. هتي رڳو جنس طور هڪ مثال ڏجي ٿو. ”عاشق جي خود داري“ واري شعر ۾ شاعر معشوق جي ”دل آزاري ڪان“ ”توبهه“ پڙي ٿو چوي:

عشق ۾ ڪل جي وڃي ٿيندس ٿوڪان بي غم
ڇڏي فانيءَ کي وڃي ٿيندس باقيءَ سان بهم
ڪل جو عاشق ٿي ۽ ڪل ۾ فنا ٿي ويندس
مثل قطري جي انهيءَ بحر اندر گم ٿيندس.

ليڪن عزيز ”ڪل“ ۽ ”باقي“ جي ايشوري عشق کي وٺي لڪير جو فقير ٿي نه ويٺو. فاني زندگيءَ جي حقيقت ڪانئس اها شاعري نه ڪرائي آهي، جيڪا هن دنيا جا گيت ڳائيندڙ آهي ۽ انسان جي عظمت جا آلاپ ٻڌائيندڙ آهي ۽ هر بي انصافيءَ ۽ ”شورش“ جو مقابلو ڪندڙ آهي. هيٺ ڪي اهڙا ٻورا شعر ڏجن ٿا:-

١- مولڪي **زندگی** ڪيتي سا هجي جيڪا نه **حقيقت** مولڪي ڪانه گهرجي هستي جسا فقط **خيال** آهي

٢- فلڪ جي ناهه پنهنجو، ناهه قسمت ساز، پروا ناهه
چڙهي خود چرخ تي شورش ستارن جي مٽائيندس
ڏسو ته "ڪل" جي "صاحب ازل" (يعني خدا)
جي ٺاهيل "قضا" بابت ڇا ٿو فرمائي:

صاحب! تو ازل کان ئي بنائي جي قضا
پوءِ ڪير مياري ٿيو، ڪنهنجي ٿي خطا؟
سڀ ڪم تو رٿيا، سڀ ڪان ڪرايا هرجا،
پوءِ ڪهڙو گناهه، ڪهڙو ڏيک، ڪهڙي سزا!

نوري ۾ هنجي شعر ۾، سندس نظريي ۽ زندگيءَ جي حقيقت جي وچ ۾ ٽڪر هجڻ ڪري، خيالن جو ڪافي تضاد سمايل آهي. ۽ هنجا اهي ئي شعر جاندار ۽ يادگار آهن، جنهن زندگيءَ جي ترجماني ڪيل آهي.

سرڳواسي ليکراج عزيز نه رڳو هڪ اعليٰ نظم نويس هو پر هڪ اعليٰ نثر نويس به هو. نثر ۾ هو وري حقيقت پسند وڌيڪ ۽ رومانيت پسند گهٽ هو. انڪري هو آڪاس ۾ اڏامڻ بدران ڌرتيءَ تي پير ڄمائي ٿي هليو ۽ شروعاتي نثر کان ئي هنجي ٻولي نظم جي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ سليس ۽ سهڪ هئي ۽ سندس عبارت نه اهائي ساڳي نظم واري عالماڻي هئي. البت نثر ۾ هنجي لکڻي ڪٿي ڪٿي مذاقي به آهي.

هن مضمون، ناٽڪ ۽ تنقيد لکي پر ڪنهنجو ڌيان خاص ايڪانڪين ته ويو آهي ته هن ڪهاڻيءَ ڏي به قلم

آزمائي ڪئي آهي، جيتوڻيڪ اُهن رچنائن کي هن مضمونن جي مجموعي ”اَدبي آئينو“ ۾ درج ڪيو آهي. اُهي ٻه رچنائون آهن- ”مقاطعن جو نيلام“ ۽ ”جيون جت“. ٻنهي ۾ هن زندگيءَ جو چٽر چٽيو آهي، جيڪو حقيقي به آهي ته مذاقي به آهي ته نيت سنڌيءَ جي سونهن پسائيندڙ به آهي. هي ٻئي رچنائون ننڍي ڪهاڻيءَ جون تقاضائون بخوبيءَ پوريون ڪن ٿيون. منجهن واقع ڪاري آهي ته سيرت نگاري به آهي. ٣٠، ٣٥ سال اڳي لکيل هي ڪهاڻيون اڄ به دل کي وڻندڙ لڳن ٿيون. هنن مان عزيز جي انسان دوستيءَ جي پڻ جهلڪ ملي ٿي. ”اَدبي آئينو“ ۾ ٻيا به ڪيترائي ادبي، علمي، قومي، قدرتي، اخلاقي مضمون آهن. هي مجموعو سچ پچ ادبي آئينو آهي.

عزيز جو ٻيو مضمونن جو ڳٽڪو آهي ”سامي“ جنهن ۾ هن اسانجي سنت ڪويءَ ۽ هندي ڪوتا تي روشني وڌي آهي. اُن ۾ ڪٿي تشريحي تنقيد پڻ ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ ڪم آندل ٻولي پارسي ۽ عربي آميز ڏکي ٻولي ڪانهي، پر ساميءَ ۽ هندي ڪوتا سمجهڻ واري، ويدانتي ويچارن واري ٻولي آهي، جنهنمان معلوم ٿئي ٿو ته عزيز نه فقط پارسي، اُردو ساهت جو پر ويدانتي ساهت جو پڻ خوب اڀياس ڪيو هو.

تنقيد ۾ عزيز جي نالي ۾ ڇپيل سدا'س هڪ اُسي

# گرو نانڪ ديو

هر ڪنهن زماني ۾ اُن جي ضرورتن آهر نوان نوان رهبر پيدا ٿيا آهن، جن انسان جي دک سک ۾ ساٿ ڏنو آهي، لم ۽ ڏاڍ کي للڪاريو آهي ۽ اُنکان ڇوٽڪاري جو هڪ لو سنيهو ڏنو آهي. هر نئون زمانو، جهوني زماني جي رهبرن جو نه فقط اڀياس ڪرائيندو پر اُنهن جي سکيا ۽ سنيهي ۾ جيڪي نئين تقاضا سان نڀائڻ وارا عناصر آهن، تن کي کڻي اڳتي وڌي ٿو. هندستان جو ١٥ کان ١٨ صديءَ وارو دور اهڙن ڪيترن ئي رهبرن جو دور آهي، جنهنکي "سنت ڪوي" جو دور سڏجي ٿو. هنن پنهنجيءَ ڪوتا، گيت ۽ سکيا کي جنتا جي جيوت جو انگ بڻايو.

نومبر ١٤٦٩ع پنجاب ۾ هڪ اهڙو سنت ڪوي، پيدا ٿيو، جنهنجو نالو هو گرو نانڪ ديو. اُنوقت پنجاب جو روح اَنيڪ ديون ديوتائن، سرڳن نرڳن، سنتن فقيرن، قبرن شمشان پوڄڻ وغيره ۾ ڦاٿل هو. گرو نانڪ ديو اُن روح کي تازگي بخشي. هن هندو مسلم فرقيوار ڪلفت کي "بالي" ۽ "مرداني" جي الفت ۾ تبديل ڪيو. اُن ڪٺين

ديون ۽ ديوتائن جي بدلي "اڪال پرک" جو نالو ڏنو،
عام ماڻهن جي، دلين مان سنسن ۽ ڀرمن کي ڪڍي انهن
۾ آتم وشواس پيدا ڪيو. هن ڪيترن ئي جهونين
ڪهنين ڌرمي رسمن، جهڙوڪ جڻيو پائڻ، پتر ڪارائڻ،
مورتي پوڄا ڪرڻ، گنگا نديءَ ۾ مردن جي هڏين وجهڻ
وغيره خلاف آواز بلند ڪيو. تياڳ جي مخالفت ڪيائين
۽ مادي خوشحاليءَ کي بلند درجو ڏنائين. ڌنا ڀڳت جي
مکان چوائي ٿو، "هوُکي ڀڳت نه ڪيجئي ليءِ مالا آپڻي
ليجئي."

گرو نانڪ ديو مکيه طرح پاکنڊ ۽ ڪٽرپڻي، ذات
پات ۽ غريب شاهوڪار جي ڀيد ڀاؤ کي مٽائڻ ۽ ونڊي
وراهي کائڻ جي سکيا ڏني. ڏسو ته ڌرمي ڏيکاءَ پسنديءَ
کي ڪيئن نه پٽوُن پٽوُن ڪري ٿو، جڏهن هو چوي ٿو،
"گودڙي پائڻ، ڀڀوت لڳائڻ، ناد شبد وڄائڻ، مٿو
ڪوڙائڻ، مڙهيون مندر پوڄڻ سان ڪو جوڳي نه ٿي پوندو،
پر جيڪو سڀني کي هڪ نظر سان ڏسي ۽ هڪ جهڙو
سمجهي ۽ نرليپ رهي سوئي سچو جوڳي آهي."

جوڳ نه کنٿي جوڳ، نه ڏنڊئي جوڳ نه ڀسم چڙهائي
جوڳ نه مُندي مُونڊ مُڙائي جوڳ، نه سنگي وائي
انجن ماهه نرنجن رهئي جوڳ جڳتي ائي پائي
جوڳ نه باهر مڙهي مساڻي جوڳ نه، تاڙي لائي
ايڪ درشٽي ڪر سم سر جاڻي، جوڳي ڪهئي سوئي.

ساڳيءَ طرح ڪورن قاضين ۽ نمازين جي پاکنڊ جي
وگهڙ ڪندي گرو نانڪ ديو چوي ٿو، هي، سچي جا
سچا ماڻهو ڳرڪائي ويندا، پوءِ به پيا خدا جي اڳيان
نمازون ڪندا. چيائين، مسلمان کي جيڪي هر روز پنج
نمازون ڪرڻيون آهن سي سچ پچ هي آهن: (۱) سچ
ڳالهائڻ (۲) ايماندار رهڻي (۳) عام جي ڀلائيءَ لاءِ دعا
(۴) نيڪ نيت (۵) خدا جي واکاڻ. گرو نانڪ ڪوڙن
برهمڻن جي به چڱي ڇنڊڇاڻ ڪئي ۽ سچي برهمڻ جو
فرض هي ڄاڻايائين:

”سو برهمڻ، جو برهم ويچاري- اڌر تري، سڳلي ڪل تاري“

هن برهمڻ ۽ اوچ ذات وارن کي صاف چيو ته پنهنجي
ذات جو گهمنڊ نه ڪريو، اهڙي قسم جي ڀاونا مان ٿي
انيڪ برايون پيدا ٿين ٿيون. جنهن چوڻي:

جات ڪا گرب نه ڪر مورکه گنوارا
اِس گرب سي چلهن بهت وڪارا.

گرو نانڪ اوچ نيچ جي ڀيد ڀاو جو ڪٽر وروڌي هو.
جنکي نيچ سمجهيو ٿي ويو، تن سان پاڻ هن سنگت
رکي. چوڻي:

نيچا اَندر نيچ جات، نيچا هوُن اَت نيچ
نانڪ تن کي سنگ ساٿ، وڏيا سوُن ڪيا ريس.

استري جاتيءَ کي به ان زماني ڪن سنتن گهٽ ذات
ٿي سمجهيو. گرو نانڪ اُن مورکتاءَ جي مخالفت ڪئي
۽ استريءَ جي مهما ۾ آسا دي وار ۾ چيائين:

سو ڪيئن مندا آکيئي، جت جمهن راجان،

انڪري ئي گرو نانڪ پاڻکي هندو مسلم ٻنهي پاڙن کان الڳ رکيو، نه فقط ايترو پر هن انهي زبردست مخالفت ڪئي. الله هن پنهنجي سکيا ۾ اهي ويچار ۽ اها ٻولي ڪم آندي، جنهن هنن ٻنهي ڌرمن جي ڪٽرپڻي کي ختم ڪري هڪٻئي جي ويجهو آندو.

هن غريبيءَ کي دنيا جي دکن جو ڪارڻ سمجهيو، انڪري هو غريبن جو همراه ۽ همراز هو. هڪ هنڌ چيو اٿس، ”سڀي سانجهي وال سدائين ڪوئي نه، وسي ٻاهرا جيو.“ يعني نه اسين سڀ عام ماڻهو هڪجهڙا آهيون ۽ اسان ۾ ڪو به ڌاريو شخص ناهي. هنجي اها سکيا اڄ به مشعال وانگر روشن آهي. هو شاهوڪارن کي ڪليو چوندو هو ته توهانجو ناڻو مفلسن جي رت ۾ رنگيل آهي ۽ گناهه کان سواءِ ڪٺو ٿي نٿو سگهي. جنهن وقت بابر بادشاهه جي لشڪر ايمناباد (سيدپور) شهر لٽي ڪاهيو، ان وقت گرو نانڪ جن اتي هئا. شهر جي ڏکدائڪ حالت ڏسي راڳ آسا ۾ ٻاڻي مرداني ربابيءَ کان هڪ شبد ڳارايائين جنهن ۾ ٻه سلوڪ هي به آهن:

”اس زر ڪارڻ گهڻي وگتي
اس زر گهڻي خواري
پاپان ٻاجهه هووي ناهين
مويان ساٿ نه جائي.“

يعني نه هن ڌن دولت جي ڪري گهڻيئي ماس

ٿي ويا آهن ۽ اُهن گهٽن کي خراب خوار ڪيو آهي. اهو ناٽو گناهن کان سواءِ ڪڏ ٿي نٿو سگهي ۽ مٿن سان نٿو هلي.

غريب پورهيت لالو وادي ۽ شاهوڪار ملڪ ڀاڳو ۽ جو قصو تہ مشهور آهي تہ ڪيئن نہ گرو نانڪ ديو لالو ۽ جي ڀوڏي کي هڪ هٿ ۾ ۽ ڀاڳو ۽ جي مالپوڙي کي ٻئي هٿ ۾ جهلي نپوڙيو تہ هڪ مان کير تہ ٻئي مان رت وهي نڪتو. ائين آهي تہ هن قصي ۾ مبالغو ڪيل آهي پر بنيادي طرح اها ڳالهہ صاف ٿئي ٿي تہ گرو نانڪ ديو سمجهيو ٿي تہ شاهوڪار ٻين جو خون چوسي مايا ميڙي ٿو ۽ پورهيت انسان حق حلال جي ڪمائي کائي ٿو. مانجهہ ڪي وار محلا پهلا ۾ حق ڦٻائيندڙن ۽ خون چوسيندڙن لي اجهو هيئن لو ملامت مڙهي:-

"حق پرايا نانڪا، اُس سوئر اُس گاءِ
گرو پير هاما تا ڀري، جا مردار نہ کاءِ
گلي بهشت نہ جائيئي، ڇٽي سچ ڪماءِ
مارڻ پاهہ حرام مہ، هوءِ حلال نہ جاءِ."

يعني پرائو حق کائڻ هندوءَ لاءِ گئوءَ جي ماس ۽ مسلمان لاءِ سوئر جي گوشت برابر آهي. گرو ۽ پير، ذمو تڏهن کڻندا جڏهن هي جمو حرام جو مال نہ کائيندو. ڳالهين ڪرڻ سان بهشت ۾ نہ وڃي سگهبو، پر سچ جي ڪمائي ڪرڻ سان ٿي ڇوٽڪارو ملندو. حرام جي

ڪاڏي ۾ مصالح وجھبو آ، اھو ڪاڏو حلال ٿي نہ پوندو.
ڀٽي ھنڌ لکي ٿو:-

”جي رت لڳي ڪپڙ ٿي،
جاما ھوءِ پليت،
جو رت پيوي ماڻسا،
تن ڪئن نرمل چيت؟“

ھي ڏيکاري ٿو تہ گرو نانڪ صاحب محسوس ڪيو ھو تہ بگھڙن جھڙي ھلت ھلندڙ انسان ٻاھران ريڍ جھڙي پوشاڪ پھرڻ سان ڪو بدلجي نہ پوندا. انڪري ئي ھو ظلم ڏاڍائيءَ جو ورو ڌي ھو ۽ مظلومن جو حامي ھو. ان ٻاري ۾ سردار گربخش سنگھ لکي ٿو، ”ھن جي زماني ۾ ھرڪنھن ڳالھ کي ماڻھو ايشور جو ڀاڻو ڪري پو ڳيندا ھئا ۽ ان ڳالھ خلاف ڪيل ڪارروائي کي جائز نہ سمجھندا ھئا. ليڪن گرو صاحب ھن مروّج ٽيل وشواس تي شڪ ظاھر ڪندي چيو، جيڪڏھن ڪو بہ ڪمزور ڪنھن طاقتور کي ماري ٿو تہ مونکي ڪو بہ غم لڳتو ٿئي، پر جي ڪو طاقتور ڪنھن ڪمزور کي ماريندو تہ مان ڏکيءَ ڪان ڇڏندس. انجي معنيٰ اھا نڪري ٿي تہ دنيا ۾ ٿيندڙ مارڪٽ ۽ ڏکي شاھي کي ھن ڀڳوان جو ڀاڻو ڪري تسليم نہ ڪيو، پر ھنڪي طاقتور جو لي ورتو سمجھيو. ان بي انصافيءَ جي حالت کي ايشور جي اڇا تسليم ڪري برداشت ڪرڻ بدران، انکي دور ڪرڻ

ٿي، هن انسان جو ڌرم سمجهيو ٿي.”

. گرو نانڪ صاحب محنت کي عظيم درجو عطا ڪيو هن ڪم کي زندگيءَ جو صحيح رستو سمجهيو. هو ٻين ۾ ڪمائڻ وقت ويو جڏهن اهو آئت ڏنائين ته هنجو ڪم ٿي هنن جي عبادت آهي. هو هر ذريعي زمين ۾ صرف ليڪون نه ڪڍي رهيا آهن پر زندگيءَ جا ويد ۽ شاستر لکي رهيا آهن. هن ڪرتارپور ۾ خود هاري ٿي ڪم ڪيو ۽ هڪ عام لنگر جاري ڪيو. اُتي ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو اچي هر ۾ کيڙيندا هئا ۽ مفت کاڌو کائيندا هئا.

ڀائي ٻالي واري جنم ساکيءَ ۾ ذڪر اچي ٿو ته هڪ مسلم اڳوان گرو نانڪ صاحب کان بادشاه جا فرض پڇيا. گرو صاحب ٻين مکيه فرضن سان گڏ هيٺيان فرض به ٻڌايا:-

پاتشاه نوں فرمایا، سچي آپ خداء
لیوں خبر غریب دي، بیک فقیر بناء
جو بھکي مردي طعام اسن، محنت کردي آء
محنت کم نه چلدا، تو چوري کار کماء
اک دن چور ہتھوں پکڑیا، گھٹ بندي ملدي سزاء
حاکم اگے نه پچھیا، ”کس کارن کیا گناه؟“
گناه ذمي پاتشاه دي، جس دتا نه لنگر لاء...
جي کاٹي تون پاتشاه دي، ار محنت لئي کراء
جس لایق هووي کار دي، تس کار لئي لکاء...
جي اَیسي هوء جهان وچ، سب لگي حلالي جاء...

يعني ته خدا خود بادشاهه لاءِ ائين فرمايو آهي ته هو فقيري ڀيک ڪري غريبن جي سنڀال لهي. جيڪي ڪاڏي ٻيا بک ٿا مرن ۽ محنت ڪرڻ لاءِ تيار هجڻ سان به ڪم نٿو ملين، ته پوءِ چوريءَ جي ڪار وڃي ڪمائين ۽ هڪ ڏينهن چوريءَ ڪندي اهڙو ڪو پڪڙجي پيو، ته سزا ڏي مليس ۽ بدحالي ۾ گهيرو وڃي ڏ.و. حاڪم ائين ته پڇي ٿي ڪوڙ ٿو ته "اڳلي ڏوهه ڪهڙي سبب ڪيو؟" ڏوهه جي ذميواري بادشاهه تي آهي، ڇو جو هن لنگر جاري نه ڪيو. پر بادشاهه جيڪڏهن ڪاٿي لاءِ ڏئي ته وري محنت به ڪرائي وٺي ۽ جو شخص جنهن ڪم لائق هجي اهڙي ڪرڻ ۾ هن کي لڳائي. جسي دنيا ۾ ائين ٿئي ته هوند سڀ وڃي حلال جي ڪم ۾ لڳن، يعني ته گناهه بند ٿي وڃن."

هن مان صاف ظاهر آهي ته گرو صاحب ڪهڙي حڪومت چاهي ٿي. ١٦.١٥ صديءَ ۾ جاگيرداري دور ۾ سرڪار کي بيروزگارن کي لائق ڪم نه ڏيڻ لاءِ گنهگار ٺهرائڻ واقعي انقلابي سکيا هئي، جنهن ۾ سماجواد جا عناصر موجود آهن. جئن ساڌو واسواڻي به چيو هو، "گرو نانڪ جي نظر روحاني ڪميونزم واري هئي... ڀائپي ۽ برادري پاڻ تي زور ڏيندي، هن سچي روحاني ڪميونزم جو راز ٻڌايو..." گرو صاحب جي اهڙي سکيا جنهن ۾ سماجوادي جزا سمايل آهن، سا اڄ به اهميت واري آهي.

# سنڌو سنسڪرتيءَ جو ورثو

جڏهن ڀارت جو ورهاڱو ٿيو تڏهن ائين پئي ڀانيو ته ڌرم ۽ مذهب جي بنياد تي ڪنهن به قوم ۽ ڪلچر جو ورهاڱو ٿي سگهي ٿو. پر بنگلا ديش جي انقلاب ۽ آزادي وري ان ڳالهه کي غلط ثابت ڪيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه پاڪستان وهم ۽ ڀرم پيدا ڪيو هو سو بنگلا ديش ڀڃي ڀوري ڇڏيو.

جڏهن ڀي ورهاڱو ٿيو. تڏهن ڀي پاڪستان ۾ هڪڙو مسئلو اهو پيدا ٿيو ته انجي سڀيتا ۽ سنسڪرتي (تهذيب ۽ تمدن) ڇا آهي؟ انجي جنتا جو ڪلچرل ورثو هڪي هندستان جي جنتا جي ورثي جو حصو آهي يا ان کان صفا نرالو ۽ نئون آهي؟ ان بابت ٢٧ سالن کان پوءِ به پاڪستان ۾ واد وواد پوري نه ٿي آهي.

هڪڙا پاڪستاني ان ويچار جا آهن ته انهن جي
سنسڪرتيءَ جو وجود ١٩٤٧ کان وٺي ليکڻ کپي ۽ ٻيا
چون ٿا ته اهو اسلام جي پيدا ٿيڻ کان وٺي ليکڻ کپي پر
ٽيان جيڪي پهرين وانگر تنگدل ۽ تعصبي ڪونهن، سي
پنهنجي سنسڪرتي موهن جي دڙي جي وقت کان وٺي
ليکڻ ٿا چاهين. اهي سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا کي،
پنهنجي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو ورثو ڪري ٿا سمجهن.

اڄ سنڌ پرانت ۾ ٽئين ويچار وارن جو ڪافي زور
آهي ۽ اهو وڌندڙ آهي. هننکي ان تي فخر آهي ته
سنڌ کان ئي ڀارت تي هندستان نالو پيو، سنڌ جي
ڀومي پراچين ۽ پوتر ڀومي آهي، جتي دنيا جي آڳاٽي ۾
آڳاٽي تهذيب "موهن جي دڙي جي سڀيتا" جنم ورتو،
جتي ئي ويدن جي رچنا ٿي، جنم، سنڌ ۽ سنڌو نديءَ
جي مهما جا گيت ڳايل آهن، جنهنکي ويرتا ۽ وطن
دوستيءَ جو اتهاس آهي، صوفين ۽ سنتن جي
سيڪولرواد جي پرمپرا آهي ۽ جنهنکي پنهنجي شاهوڪار
۽ پراچين ٻولي ۽ ساهت آهي.

موهن جي دڙي جا وارث سڏائيندڙ سنڌي مسلمان
اڄ سنڌ جي اتهاس ۽ پرمپرا کي سيڪيولر، سماجوادي
لوڪشاهي پسند نظر سان ڏسن ٿا. جن ۾ تاريخي شخصيتن
۽ قومي رهنمائن سنڌ جي آزاديءَ، اُنتيءَ ۽ آسودگيءَ
لاءِ قربانيون ڪيون آهن، ان کي هو پنهنجو قومي هيرو

سوڀ حاصل ڪئي. ڏاهر لڙندي جان ڏني. سنڌ جي ڀلاءِ لاءِ هن پنهنجو سر ڏس لائي ڇڏيو.

عربن سنڌ تي ٽي صديون راڄ ڪيو. جنهن بعد سومرن جو گهراڻو ١٠٥١ کان ١٣٥٠ع شروع ٿيو. انهن جي راڄ ۾ دودي سومري جهڙو سورهيه سپهه سالار پيدا ٿيو، جنهن علاءالدين خلجي سان ٽڪر کاڌو ۽ بهادريءَ سان لڙي جان ڏيڻ پسند ڪئي، پر ڪيس پنهنجي پيڙ "باگهيءَ" جي ٻانهن نه ڏنائين. دودو اڄ سنڌ جو هڪ مشهور لوڪ ڪهاڻي جو نائڪ آهي، ۽ وطن دوستيءَ جو هڪ اعليٰ مثال آهي.

سومرن جي راڄ کانپوءِ سمن جو راڄ شروع ٿيو، جنهن ۾ قندار جي ارغونن سنڌ تي ڪاهه ڪئي، پر "جام نندي" جي سورهيه سپهه سالار درياهه خان هنن کي اهڙا ته ٽونا چٻايا جو هو پيچ پائي آئي پڳا. جام نندي جي موت کانپوءِ سندس پٽ جيڪو تخت تي ويٺو تنهنجي درياهه خان سان اڻبڻت ٿي پيئي، جنهنڪري هو استعفا ڏيئي هليو ويو. ارغونن کي جڏهن اها خبر پيئي تڏهن هو سنڌ تي وري ڪاهي آيا. درياهه خان کي پرچائي واپس گهرايو ويو. هو ڏاڍو بهادريءَ سان لڙندو، پر جنگ ۾ مارجي ويو ۽ ارغونن جي سوڀ ٿي. هن جنگ ۾ سنڌ جي هندو سوڍن کي به ڏاڍن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ خاص اپيل ڪئي ويئي، جا هنن اونائي.

جيتوڻيڪ ڏاڍن جي سوڀ ٿي پر اڄ جنتا ارڏن کي
نه پر درياهه خان کي ٿي ياد ڪري رهي آهي ۽ هنجي
ويرتا جا گيت ڳائي اُنجي نقش قدمن تي هلي رهي
آهي.

درياهه خان جهڙو ٻيو سنڌي ويرسپوت هو هوش محمد
جنهن ٽالپرن جي راڄ ۾ ١٨٤٣ع جي جنگ ۾ انگريزن
جو اهڙو نه بهادريءَ سان مقابلو ڪيو، جو اڄ ب سنڌ
نه ڇا انگريز ب هنکي ياد ڪندا آهن ۽ داد ڏيندا آهن.
هوش محمد ئي اهو نعرو بلند ڪيو "مرسون مرسون، سنڌ
نه ڏيسون" جيڪو اڄ جيئي سنڌ هلچل جو ب نعرو آهي.

انگريزن سنڌ نه فتح ڪئي، پر هو سنڌين کي فتح
ڪري نه سگهيا ۽ هڪ سؤ سالن ۾ ئي هنجي حڪومت
جي پاڙون اکڙي ويئي، جنهن ۾ ١٩٤٢ جي آزاديءَ جي
هلچل هڪ اهم ۽ اتهاسڪ پارٽ ادا ڪيو. اُن هلچل ۾ ئي
سنڌ ۾ هڪ سورهيه سپاهي پيدا ٿيو — هيمون ڪالاڻي،
جنهن انگريز سلطنتشاهيءَ سان ٽڪر کاڌو ۽ کلندي کلندي
"انقلاب زنده باد" چوندي ڦاسيءَ جي رسي ڳچيءَ ۾
وڌي. هي جوان سڄي هندستان جي شهيدن ۾ ننڍي
عمر جو هو. اڃا ٢٠ سال ب پورا نه ڪيا هئائين.
انگريزن ڪيس ڪيترن ئي لالچن ڏيڻ ۽ معافي
وٺڻ لاءِ زور ڪيو، پر هن سندن هڪ ب نه ٻڌي ۽
خوشيءَ سان شهادت جو جام پيتو. اڄ هيمون ڪالاڻي

ڪوين ۽ ڪلاڪارن مان ڪي اهڙا ولي ٿي آهن، جن جي
چاهي اهي هندو آهن يا مسلمان. هنن صوفي ۽ سنت
ڪوين شاهه لطيف (١٦٨٩ع)، سچل (١٧٣٩ع) ۽ سامي
(١٧٤٣ع) جي شعر جي ڪري، سيڪيولروادي سنڌي
سماج ۽ سنسڪرتي جو نمونو ورثو آهي. شاهه ۽ سچل
مسلمان هئا ۽ سامي هندو هو. هن ٽنهي ڪوين هندستان
جي صوفي ۽ سنت ڪوين وانگر هندو مسلم ايڪتا لاءِ
زور ڏنو، مذهبي ڪٽرپڻي جي مخالفت ۽ انساني ايڪتا
جي ڳالهه ڪئي. هر قسم جي مذهب کي ڇڏي ۽ خالق کي خلق
۾ ڏسڻ جو پيغام ڏنو. هن ٽنهي جي واڻي جوڳي
هڪ لوڪ ڪهاڻي هو. ڀڳت ڪنور رام جهڙي شخصيت
١٩٣٩ ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ وقت خون ڪيو ويو،
جنهن ڪري اڄ سنڌي مسلمان ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙي رهيا
آهن. ڀڳت ڪنور رام جا ڪيترا ئي گيت سنڌ جي ڪنڊ
ڪڙڇ مان هندو مسلمان اڄ ڀي ڳائيندا هئا.

هي ٿورا اڳيان ۽ سيڪيولروادي ڪوي ۽ ڪلاڪار
ڀارت جي سنڌين لاءِ ڇڏي اهڙا ڪي لوڪ ڪيا. آهن جهڙا
سنڌي مسلمانن لاءِ. پڻ ٻنهي طرفن جا سنڌي اڄ هڪ ٻئي جي
ساهت ۽ سنسڪرتي مان اتساه ۽ امنگ حاصل ڪري رهيا
آهن ۽ ڀڳتي ڀاونا ۽ ولي کي ساه سان سانڍي رکيو
ويا آهن. اهو ڏيکاريو ته سنڌو سنسڪرتي جو وڙ ۽ ڌاڳو
ڏڍو آهي ۽ ڳنڍ جو آهي.

ي ڦٽيل دلين تي مرهم جو ڪم ڏنو ۽ ڪٽرپڻي ۽ ڀيدڀاو تي پريم ۽ وشالتا جي ساگر ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

اسانجو ڪوي سامي پڻ انهن سنت ڪوين مان هڪ هو. هنجي ڪوتا ۾ هن هلچل جي تصوير ملي ٿي، جا ڏيکاري ٿي ته هن ٻين ڪوين وانگر پنهنجي يگ جو سڌ ڪنهن حد تائين ضرور ورتو هو ۽ ڌرمي رنگ ۾ اهڙو ٻيو ڪجهه به ڏنو آهي، جيڪو اسانجو سنو ورثو آهي.

هندستان ۾ سنت ڪوين جي هلچل ۱۵ صديءَ جي شروعات ۾ شروع ٿي ۽ ۱۸ صديءَ تائين هلي. انجو اڳوان رامانند (۱۴۰۰ـ۱۴۷۰) هو. هو جيتوڻيڪ پاڻ برهمڻ ۽ سنسڪرت جو ودوان هو ته به پنهنجي سکيا ۽ ڪوتا جنتا جي ٻوليءَ "هنديءَ" ۾ ڦهلائين. نه رڳو ايترو پر رامانند اوچ نيچ، ذات پات ۽ ڌرمي ڀيد ڀاءَ جي زبردست مخالفت ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو هنجا جيڪي ۱۲ شش ٿيا سي جدا جدا ذاتين مان هئا. ڪو ڪوري (ڪبير) هو، ڪو ڪسان (ڌنو) هو، ڪو چمار (روداس) هو ته ڪو نائي (سيئنا) ته ڪو راجا (پيپا) هو وغيره.

رامانند پاڻ نرگڻواد (نراڪار ايشور کي مڃيندڙ) ۽ شنڪر آچاريه جي اديئيتواد جو (جيڪو ايشور ۽ انسان ۾ دئيت يا ڀيد نه نسي) حامي هو. ته به هن اهي واد پنهنجي ششن تي نه مڙهيا، ڇو جو هن لاءِ بقول ساميءَ "سهنجي مارگ

مت ڳالهه ڪرڻ تائين هڪڙي” ۽ ”ڀاوين اناالحق ڀاوين بولي رام رام.“ رامانند جو وشواس هو تہ جيڪو بہ رام کي سچي سڪ ۽ ڀڳتيءَ سان ڌيائيندو سو هنکي پائيندو.

وڏي وڏائي، سامي جاڻ ڀڳت جي
نيچ اوچ تيا ڪيترا، ڪري ڪمائي،
ڌيڙ، چمار، جولاها، ڀيڇارا نائي
جنهن لنئو لائي، سي سيئي سڌريا

ساميءَ جي مٿين سٽن کي جڏهن ان زماني جي پس منظر ۾ مادي نقطہ نگاهہ کان ڏسجي ٿو تہ اُهي زماني جي وڏي حقيقت ٿيون بڌائين تہ جنکي هيٺئين نيچ سمجهي ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ کان وانجهيو ويو هو، تن جاڳي پنهنجو حق حاصل ڪيو هو ۽ اهو سڌ ڪيو هو تہ ايشور اڳيان اوچ نيچ جو ڀيد ڀاو نٿو هلي.

ان زماني ۾ جڏهن پنڊتن ۽ ڀانيڙن، ملن ۽ مولوين ايشور ۽ خدا کي ڀن ڀن روپن ۾ ورهائي مندرن ۽ مسجدن، شاسترن ۽ ڪتابن وڙن اشنانن ۽ روزن نمازن، نرڳ سرڳ ۽ بهشت دوزخ جي خيالي قلعن ۾ قيد رکيو هو. تڏهن سامي ان قيد کي اجهو هيئن پرزا پرزا ڪري ڇڏيو:

١- خلق وسي خالق ۾، خالق منجهہ خلق
٢- پٿر پوڄا ڪن، ديو نہ ڏسن ديهہ ۾
٣- ولهہ ٻران، ڦران ڪو، سيني ۾ هڪ سوجهہ
٤- مورکہ ڪين ڏسن، سامي سڀرلن کي

لب تيرٿ، ورت، نيم، جڳ، جهد ڪيو جاڳن،
عفا، بن، پهاڙ ۾، بڪ اڄ دک سهن.
۵- سرڳ ۽ نرڳ، عاشق جاڻن ڪين ڪي،
٦- سرڳ کان نزديڪ آئي سڄڻ اوڏڙو

۽ ائين سامي سڄڻ کان آڪاس تان لاهي ڌرتيءَ تي آڻي، پٿرن ۽ پهاڙن، شاسترن ۽ ڪتابن جي قيد مان ڪڍي عام ماڻهن جي وچ وهاري ٿو، جنهن صدين کان سڪايل "نيچ" سڏيل انسان به انجو مشاهدو ماڻي سگهن ۽ ڪيس پنهنجا دک سور سڻائي سگهن نه ڪيئن سندس "مک مان نڪتل" عيوضين خالق ۽ خلق جي وچ ڪاهي ڪوڙي چڙي هئي، سائس ملڻ جون راهون روڪي رکيون هيون. ڌرمي پوڄا کي پاکنڊ ۽ اڊنبر کان آجو ڪري سليس بڻائڻ ۽ هڪ ايشور جو وچار ۽ هنکي پريم ۽ ڀڳتيءَ سان پائڻ جو حق عام کي وٺي ڏيڻ، ان يگ جي تقاضا هئي، جيڪا سامي‌ءَ ڪافي حد تائين پوري ڪئي. ان جي اهميت اڄ به قائم آهي ۽ اها اڄڏي نه وڏي آهي جو هاڻوڪي زماني ۾ گرديو ٽئگور کي به ان ڏانهن ڌيان ڇڪائڻو پيو. جنهن چيو هو:

پوڄا پاٺ پڄن آراڌن، سمرن ڪــــي ڪر ترڪ صفا،
کول اکيون ۽ جاچ نه ڪر ڪا، ڪٿي آهي تنهنجو ڀڳوان؟
هو نه وچي ان جاءِ رهيو، جت هاري ڌرتي کيڙي ٿو،
ٽهڻ مزور جتي پيو ڦوڙي، ڦوڙي ۽ گڏ ميڙي ٿو.

گرديو جو زمانو نہ سامي جي زماني کان اڳتي وڌيل آهي. اُن ڌرم ۽ مذهب جو زور ڪافي گهٽيل آهي پر سامي جي زماني ۾ سامي وارا بيت چوڻ نہ جرئت ڀريو قدم آهي، جو پاڻکي پرماتما جا ڀريدار سمجهندڙ، پنڊتن ۽ مولوين کي مهرائڻ لاء ڪافي هو.

اهڙن سوڙهي گهٽي وارن ڀريدارن-ملن ۽ پنڊتن تي اُن سامي خوب چوٽ هنئي آهي. هننجي ڪوڙي ڏيکاء ۽ پاکنڊ ۽ ڀروپ کي بي نقاب ڪري ٿو. چوي ٿو:

١- لکين لباڙي، ڳالهيون ڪن اُنھ جون
سامي ڪوڙائي ساڌ ٿيا متو ۽ ڏاڙهي
ڪلڪائين ڪپٽ جي ڪالي ڪهاڙي
پاڙ ڪائي پاڙي وهيا وڃن وهه ۾!
٢- نگي جو ٻيڪ ڌري سامي ٿيا ساڌو
٣- پڙن منجهہ پيهي تو حرف نہ لڌو هڪڙو
توکي ڪل ڪيهي، قاضي ڪتابن جي؟
٤- مان! مني ماء پڙهي پرجهہ ڪينڪي

ڀرٿين بيت ۾ اُي سامي ڪيئن نہ ڪوڙن مذهبين جا آنڊا گهيون ڪڍي ٻاهر ڪيا اٿس. ڪهڙي نہ طنزي نوع ۾ ٿو چوي نہ پنڊت ۽ ملا ڪيئن نہ خالق جي نالي ۾ ٻيڪ پائي، مکر ڪري ڪوڙ جو ڪسب اختيار ڪري ويٺا آهن ۽ سڄو وقت لڳي دولاب جون ڪاليون ۽ ڪهاڙيون پيا لکيون، ڪن ۽ حرام جي هڏي لي هري

وڃا آهن. اهڙن انسانن جي اڄ به ٽڪوڻي ڪانهي.

ساميءَ پاکنڊي پنڊتن ۽ مولوين سان گڏ حاڪمن مٿن، حاجين ۽ مکين چوڌرين جي به چڱي ڇنڊڇري لاٿي آهي. جيئن چوي ٿو:

ڪلجڳ جا ڪوڙا مهر متعدي چوڌري،
رائبون ڏينهان لوڀ جا گهر ڀڃن ٻوڙا
ويساهي ويساهه سان ڌوهن وسوڙا
سامي مت موڙها مرڻ نه جاڻن من ۾.

ساميءَ جو هي بيت به ان ڳالهه جي سچائي ٿو ٻڌائي، جيڪا اڄ جي به سچائي آهي. سامي اڃا به اڳتي وڌي پنهنجي ڳالهه جي تصوير هيئن ٿو چٽي:-

چوري نه جاڻان، مال پرائو نه ڇڏيان،
ڏيان بار انن جا، ڪريان نماڻا،
تنهنکون پڇاڻا، ڪريان حق حلال جون ڳالهيون.

ساميءَ جا اهڙا ڇپيل شعر تمام ٿورا آهن. ٿي سگهي ٿو ته پيا به اهڙا گهڻا شعر چيا هجنس، جي گم ٿي ويا هجنس. جيئن چوندا ته هڪ ساڌوءَ هنجا ڪيترا شعر گم ڪري ڇڏيا.

هن بيت پڙهڻ سان اکين آڏو اهي تصويرون ڦرڻ لڳن ٿيون، جن ۾ ڪو نادرشاهه آهي، ڪو احمدشاهه ابدالي آهي ۽ ڪو قاسم خان آهي، ڪو انگريز آهي، ڪو ديسي حاڪم ڪلهوڙو يا مير آهي. اهي سڀ انڪا ٿي

مايا تنهن مورک جي آهي اجائي
سو وڏو پاپي پڌرو، جنهنکي اهڙي عادت آئي
تنهن انڌي آگ لائي، پنهنجين هٿين پاڻ کي.

ائين آهي ته سامي ءَ مايا کي ٽن معنائن ۾ ڪم آندو آهي. هڪڙي مايا معنيٰ ڌن دولت، ٻي معنيٰ موجب مايا آهي سنسو، ڀرم، دوکو، جئن چوي ٿو:-

مايا ڀلايو، سامي جوڙي جيءَ کي
نانگ ڏسي نوڙيءَ ۾ ڏورؤن ڏهڪايو
ڳٽيءَ ليکي ڏک جي سنسي منجهه آيو
ستگر سمجهايو، تڏي سمجهي سرجهيو پاڻ ۾.

يعني ته هي سنسار ست ناهي، ڀرم آهي. جنهن انسان کي اهڙو ڀلايو آهي جو هو اُنکي ائين ست سمجهي ويٺو آهي جئن نوڙيءَ کي ڏسي نانگ سمجهي. اهو ڀرم اوديا جي ڪري آهي، جيڪو گروءَ جي گيان حاصل ڪرڻ سان دور ٿي ويندو. هيءَ شنڪر آچاريه جو ويدانتي وچار آهي. جنهن ئي اها نانگ ۽ نوڙيءَ جي تشبيهه ڏني آهي. هنجي ويدانت مت موجب رڳو برهم ست آهي ۽ برهم ۽ جيو ۾ ڪو به دئيت (ڀيد) ڪونهي. جيو، رڳو مايا (ڀرم) ڪري برهم کي پاڻکان الڳ سمجهي سنسار کي ست سمجهي ويٺو آهي برهم سنسار رچيوئي ڪونهي. هنکي ادئيت واد چئبو آهي.
سامي چوي ٿو:-

دئيت، مٿجاءِ ادئيت سمت اڪائن سڀ کي.
ساميءَ مايا جي ٽين معنيٰ ڏني آهي، اها برهم جي شڪتي، جنهن هي سنسار رچايو آهي. سامي چوي ٿو:-

آهي ڇل پر ٻل مايا محبوبن جي
جنهن اڻ هوندو جوڙو وڌو نانا ڀاءِ خيال
سامي ڇڙهيو سڀ کي اوديا جو عمل،
ڪو ورلو جن اڇل جو رهي گرگيات سان.

ساميءَ مٿين بيت ۾ وري رامانج جا ويدانتي وچار ڏنا آهن. هنجي وچار موجب برهم به ست آهي ته جڳت به ست آهي. برهم ئي هن سرشٽيءَ جو خالق آهي. هن ڪوريئڙي جي ڄار وانگر پاڻ مان ئي هي جهان خلقيو آهي. يعني اُنجو ڪارڻ ۽ ڪاريه پاڻ آهي. جئن سامي چوي ٿو، "ڪاريه ڪارڻ پاڻ، پرتڪ پورن آتما، اُپجي نپجي لين ٿئي، جنهن ۾ سڀ جهان." هرڪو جيو، جڙ ۽ چيتن (آتما) جو ميلاپ آهي. اهي ٻئي جيزو ن برهم ۾ ئي سمايل آهن. آتما اَمر آهي. اها رڳو اڳين ڪرمن ڪري، جيو جي جڙ سان، بندن ۾ جڪڙجي ٿي. بندن جو ڪارڻ اوديا مان پيدا ٿئي ٿو. آتما ڪيستائين جنم و نندي رهندي، جيستائين اُن مڪتي حاصل نه ڪئي آهي، جيڪا رڳو گيان ونڻ سان نه، جئن شنڪر آچاريه چيو، پر ڀڳتيءَ سان ملندي. رامانج جي ويدانت مت کي وششٽادويت واد چوندا. هيءَ مت گهڻن ۾ اُن ڳالهه ۾ بهتر آهي، جو

مادي يعني وگياني نقطه نظر سان ڏسنداسين، جنهن موجب هي جڳت ست آهي ۽ جڙ پدارٿ (مادي) جي پيداش آهي ۽ نه برهم جي يا چيتن جي پيداش آهي، جنهن آدرشوادي نقطه نگاهه ڇوي ٿي.

ويدانت مت، جيڪا ساميءَ جي جيون مت آهي، سا آدرشوادي هوندي به هڪ لحاظ کان سماج لاءِ لاڀدائڪ ثابت ٿي آهي. ان مت جي وحدانيت جي تصور (هڪ برهم يا ايشور جو وچار) نه رڳو وچولي زماني ۾، جڏهن جدا جدا ديوتائن لاءِ هون ڪيا ويندا هئا ۽ بليون چاڙهيون وينديون هيون ۽ پوڄا پٺتا ڪئي ويندي هئي، پر هاڻوڪي زماني ۾ به جدا جدا ڌرمن، ذاتين، رنگ روپ ۽ اوچ نيچ جي ڀيد کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي- ان مت ۾ سمتا (هڪجهڙائي، پروگياني هڪجهڙائي نه) تي زور ڏنو ويو آهي جنهنکي اڄ به سماج جي بهتريءَ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. ساميءَ به اسانکي سمتا جو هٿيار ڏنو آهي. ان بابت ڪيترائي بيت ڏنا اٿس. پر هتي جنس طور مثل ڪافي ٿيندي.
چوڻو:

١- اوڏيا اڏاري، مڙئي نه سورج سم ري
٢- رولو و ڏورن، جدائيءَ جو جڳ ۾،
سولو هميش سم جو ڪڏهن جاڳي ساڻو جن
٣- دليس سپ ڏکي ڪيا، جيءَ جهان جا

سدا رهڻ سامي ڇئي، **سمتاوان** سگهي.
۴- جڳت ڏٺو جانيءَ ۾، جانيءَ منجهه جڳت
**سمتا** سلوڪت، مک رکي موجان ڪري.
۵- هر جن ڪيڏي هت، ونا سودي سار جو
**سم** رکيائون ساهمي، **سم** رکيائون وت

مٿين بيتن ۾ ساميءَ جو مطلب آهي ته اگيان، برهم ۽ منک جي وچ ۾ جيڪو ڀيد پيدا ڪيو آهي، سو سمتا سان دور ٿئي ٿو. ليڪن اڄ جي وگيانڪ دنيا ۾ برهم ۽ منک جي ڀيد جو مسئلو جهڙو آهي ئي ڪونه. اڄ آهي منک جي منک جي وچ ۾ ڀيد، جنهن جو بنياد آهي ناڻي جي اڻپوري وراهپ. ان ڀيد کي ختم ڪرڻ لاءِ به چوگرد سمتا (سوشلزم) جو سنگيت ٻڌجي رهيو آهي. ڪيترن چئجي ته اڄ جيڪر سامي پيدا ٿئي ها ته هو به پنهنجو سر ان سنگت ۾ نه گڏي ها.

هر ڪنهن يگ جي پنهنجي سچائي آهي. اڄ جيڪڏهن ڪو ڪوي سامي بڻجڻ چاهيندو ته پڪ ڪامياب نه ٿيندو، ڇو ته اڄ جي سچائي ڦريل آهي. اڄ ساميءَ جا آتمڪ وچار آڳرين لئي گهٽ جيترن هندستاني شاعرن ۾ به مشڪل ملندا، پر اهي ساڳيا وچار سنڌس دور جي سڀني سنت ڪوين ۽ صوفي شاعرن ۾ ملنتا، پوءِ اهو ڪبير، تلسي، سورداس، شاهه، سچل، جائسي هجي يا ٻيو ڪو هجي. فرق اهو آهي ته

سامي ءَ جا انهن ويچارن لئي شعر ڄاڻ ٿان ٿان سرس آهن انڪري سندس ڪوتا هڪ رنگي ٿي لڳي. ڄڻ رڳو روحاني راز ٻڌائڻ لاءِ ئي ڪوتا رچي اٿس. ان اثر لاءِ ڪنهن حد تائين اسان جا ڪي ٽيڪاڪار پڻ جوابدار آهن، جن وري اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٻـــ پئي ڪئي آهي. ڪن ٻين نقادن وري سندس ليکن ۾ سمايل سماجڪ ۽ اتهاسڪ اهميت کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهـــي. جيڪڏهن سندس ۴۳۰۰ سلوڪ پڙهـــي ميزان سان جائزو وٺبو ته آتمڪ سامي ءَ سان گڏ دنيوي سامي به نظر ايندو، سنت سامي ءَ سان گڏ ڪوي سامي به نظر ايندو، ويدانتي اصول واري سامـــي ءَ سان گڏ واپاري عمل وارو سامي به نظر ايندو.

سامي جيڪڏهن رڳو سنت ٿي رهڻ چاهي ها تـــه پنهنجو پنٿ کولي هـــا ۽ ڪوتا رچڻ بدران گرهست تياڳي بيراڳي ٿيڻ ها. پر هن نه فقط پاڻ گرهست نـــه تياڳي پر ٻين کي به اهڙو وعظ نه ڪيائين. ها هـــن پنجن وڪارن-ڪام، ڪروڌ، لوڀ، مـــوهه ۽ اهنڪار کي دٻائڻ جـــي سکيا ضرور ڏني. پر اهو ائين ڪونه ٿو چوي ته اهي وڪار ماري ڪجهه ڪرم ئي نه ڪريو ۽ تقدير تي ڇاڙي ويهو. هو آدم ۽ پرشارٿ کي سڀ کان مٿي ٿو سمجهي. چوي ٿو:

”سامي سڀ ڪو ديو آهي پرشارٿ پنهنجو“

ڪنهن به مقصد لاءِ رڳو ادم ڪاڻي ڪونهي. انسان
گڏ اوڙچائي ۽ بيدپائي به ڪري. ساميءَ چيو آهي:

”ويچي منڊ مروهه، ڪاهه نه ڪيچهن کي ماڻ“
”سوڙا سي ڇٽن جي جهولجهن منجهه ميدان ۾
جيئڻ ۽ مرڻ جو ساميءَ سوچ نه ڪن.“

اوڙچائي ۽ بي ڊپائي تڏهن اچندي، جڏهن سچي سڪ
هوندي:

”پيا سڪ سچي ڪنهن پاڻو ڪين ڪي“

ٻکن سڪ، بي سمجهه نه هجي، عشق انڌو نه هجي.
هن ساميءَ چيو آهي:

”عشق ۽ عشق ٻئي پر پڪيءَ جا.“

ساميءَ عشق لاءِ عقل ڪي ضروري سمجهي، اُن
زماني جي روايت پرستيءَ کي ڌڪ هنيو آهي ۽ نئين
زماني جو نيانپو ڏنو آهي. سچ ته هندي ڪولا ۾
اهڙيون روايت پرستيءَ کي ٺوڪر هڻندڙ بيون به چيزون
آهن جيڪي مذهبي لحاظ کان جڙ ڪفر ٿيون لڳن. جهڙن
هيٺيان بيت ڏسو:-

١- ميخاني مسجد ۾ جاڙي ڪوڻه فرق
٢- جات ورن ڪل ڪرم ڏي ساميءَ ڪين ڏسن
٣- ويدن بگاڙي، ڪرڙين ڇڏيا ڪيترا
٤- رهي نيارو سڀ جان، ڪو ساڌو جن سيلي،
جهڙن مجنو ليلي، اهو سان لال گلال ٿيو.

اهڙيءَ طرح ساميءَ جي ڪوتا ۾ نه رڳو مال (وشيه) جي لحاظ کان آلمڪ گيان سان گڏ، پنهنجي ٻگهه جـــي سچائيءَ، جهونن ۽ نون قدرن، سچ ۽ ڪوڙ ڀلائـــي ۽ برائيءَ جي ڪشمڪش جي تصوير ملي ٿي پر روپ مال (روپ) جي لحاظ کان بہ سکياداڻڪ چيزون ملن ٿيون. ساميءَ ڳـــوڙهن ۽ خشڪ وچارن کي سليس ۽ سپڪ ٻولـــيءَ ۾ تشبيهن، استعارن ۽ اصطلاحن سان سينـــگاري موتين وانگر پوتو آهي. ساميءَ جي ٻولي نہ رڳو سليس ۽ سپڪ آهي پر مدرتا سان ڀرپور پڻ آهي. انجو سبب اهو ٿو لڳي جو هو شاهد گيت ۽ سنگيتڪار پڻ ٿي لڳو. سندس ٻيتن ۾ سنڌ ۽ هند جي سيني راڳڻين جا نالا ڪم آندل آهن. ساميءَ جي ڪوتا ۾ جذبو نہ ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي.

تو ري ۾ اسانکي ساميءَ جي ڪوتا مان انهن چيزن کي ڪڍي اڳتي وڌڻو آهي، جن انساني زندگيءَ کي بهتر بنائڻ ۾ هٿي ڏني آهي ۽ جي اسانجو قيمتي ورثو آهن.

# ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ بغاوت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو جڏهن مادي نکتہ نگاهه کان ان ۾ سمايل سماجڪ، ڌارمڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ پهلوئن جو اڀياس ڪجي ٿو تہ انهن خلاف بغاوت صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

شاهه سماجڪ لحاظ کان استري پرش جي پيار لاءِ ذات پات ۽ رسم رواج جي ڀيد ڀاءُ کي ٺوڪر هڻي آهي، ڌارمڪ لحاظ کان مذهبي تنگدلي ۽ تعصب، پاکنڊ ۽ بهروپ کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آهي، آرٿڪ لحاظ کان ڏڪارين ۽ چور بزار ڪندڙن لاءِ مخالفت ۽ حقارت ۽

هارين ۽ سنگهارن لاءِ محبت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو آهي ۽ راڄنيتڪ لحاظ کان وطن دوستي ۽ قوم پرستي جي واکاڻ ۽ وڏائي ڪري ان زماني جي جاگيرداري سرشتي کي ڏک هنيو آهي. پر اهو سڄو بغاوت جو اظهار اسانکي شاهه جي ڪلام ۾ سندس زماني جي روشنيءَ ۾ ان وقت جي سچائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسڻ سان ئي نظر ايندو.

شاهه جي زماني جي سچائي ڪهڙي هئي؟ شاهه جو جنم ١٦٨٩ع ۾ ٿيو. اهو زمانو جاگيرداري زمانو هو، جڏهن ملڪ ۾ ننڍن راجائن، جاگيردارن ۽ نوابن جو راڄ هلندو هو. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. انوقت ڌرم جو اثرو نه زور هو، جو وقت جي نين تقاضائن کي ڌرمي روپ ۾ ئي پيش ڪرڻو پوندو هو. سماج ۾ ڪٽنب جي وڏي اهميت هئي. جئن هن دنيا جو هلائيندڙ ايشور سمجهيو ويندو هو ۽ حڪومت جو هلائيندڙ ايشور جو "مربي پٽ" يعني راجا، جاگيردار يا نواب سمجهيو ويندو هو، هنکي پنهنجن پالين تي اثرو ئي اختيار هو، جيترو هڪ راجا کي سندس رعيت تي. گهر جا پالي گويا سندس ملڪيت هئا. هنجي آگيا کان سواءِ هو ڪو به ڪم ڪري نه سگهندا هئا. اتري قدر جو ڪٽنب جي ڌيءُ يا پٽ جي شادي وڏي جي مرضيءَ کان سواءِ ٿي نه سگهندي هئي. الڪري سياوڪ هنکي

محبت جي آزادي نه هئي. مائٽن جي مرضيءَ کانسواءِ محبت ڪرڻ معنيٰ هنن جي قهر کي دعوت ڏيڻ.

شاهه جي زماني ۾ جيتوڻيڪ جاگيرداري نظام جا ڏينهن لڇي پيا هئا، تڏهن به ان جو زور ايترو نه هو. انجا ڪي مدي خارج قدر نه اڄ به قائم آهن. مثلا اڄ به ڪن هنڌ مائٽن جي مرضي خلاف ڪو به ڇوڪرو يا ڇوڪري پيار يا شادي ڪري نه سگهندو آهي. ليڪن شاهه اهڙن مردار ۽ مدي خارج قدرن جو ڪانکي ڪو نه هو، الٽو اهڙن قدرن جا هن خوب ڇوڏا لاٿا آهن.

شاهه جو گهڻي ۾ گهڻو شعر استري پرش جي سٻنڌن بابت آهي- خاص ڪري محبت لئي. هو ان ويچار جو حامي آهي ته استري پرش کي محبت ڪرڻ ۽ پنهنجو جيون ساٿي پاڻ چونڊڻ جو پورو حق آهي. ان پريم يا شاديءَ جي چونڊ ۾ هو ڪنهن به قسم جي ڀيد - ذات پات، ريت رواج، مذهب نسل، اوچ نيچ دولت شاهوڪاري کي مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي. شاهه سهڻي، سسئي ۽ مارئي معرفت ان ويچار جي زبردست حمايت ڪئي آهي.

سهڻيءَ مهار لئي هڪ هارو آهي. جيتوڻيڪ سندس مائٽ ڪيس سندس مرضي خلاف ڏم شادي ڪرائي ملڪ ته به هوءَ مهار سان لوڙ لاهي ٿي. ڪيس نينهن اهڙو نه لهوڙيو آهي، جو چوي ٿي ”عقل مت، شوم نيئي نينهن لهوڙيا.“ جڏهن سندس سهيلون ڪيس

ميهار سان محبت ڪرڻ کان روڪين ٿيون، تڏهن کين چوي ٿي:

"جيڏيون ڏٺيان جي صورت ساهڙ جام جي،
سڪ ٿي ستيون ڪين ڪي، ڪالڌ ن پاسي ڪي،
مهائي اڳيئي گهڙو سپ گهڙا ڪٽي."

ان زماني ۾ مٿين قسم جو شعر، هڪ انقلابي اظهار چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو، جيڪو اڄ به نت نئون آهي.

سسئي جڏهن ڏسي ٿي ته سندس پنهوءَ کي ڏير پڃائي ويا آهن، تڏهن ڪاڙهو پيتو زهر ٿي ٿو لڳيس. لتي ٿڏي ڏونگر ڏاريندي، بريت جهاڳيندي، پنهوءَ پٺيان ڪاهي پوي ٿي.

"ماءُ وهاڻو وار، ڪڻ پتراڻي پانهنجي
جيڪي ڏڻ ڏيهج ۾ سو سهوڻي سار
وڃان ٿي وڻڪار ڏنم پير پنهوءَ جو."

سسئي موت جي فرشتن کان به پنهوءَ جي پڇا ڪري:—

"منڪر ۽ نڪير کي جڏهن ڏٺائين،
اڳيان اٿي ان کي پنهو پڇيائين."

ماروئي، عمر بادشاهه جي مال متاع، محلن ماڙين، ٺٽ ٺڪاڻن ۽ شان شوڪت لاءِ موهجي پنهنجي پرهت ڪيت سين سان لاءِ وفا لائي ڪري اهالي لاءِ تڙاريندي واي:—

اي نه مارن ريت، جهڙ سيڻ مٽائين سون لئي!

اڃي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪين ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نه مٽيان!"
"ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو، ڪٿيڙو ئي خوب
ميرو ئي محبوب، اسان مارو من ۾."

ائين ڪونهي ته شاه صاحب جون رڳو سورميون ئي پنهنجي محبت تي ثابت قدم رهيون آهن، پر سندس سورما پڻ پريت جي ناتي نباهڻ ۾ پٺتي نه پيا آهن. پنهو وڏي سردار جو پٽ آهي. هو پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن جي سخت مخالفت هوندي به سسئي، جيڪا ڌوٻياڻي آهي، ان سان لائون لڳي ٿو ۽ جڏهن سندس ڀائر کيس نشو ڏياري ڀڄائي وڃن ٿا، تڏهن هو هنن سان وڙهي سسئي لاءِ جبل جهاڳيندو وتي ٿو. ميهار به هڪ وڏو سوداگر آهي ته به ڪنيار جي ڌيءَ جو پريم هٿ ڪرڻ لاءِ مينهون چارڻ جو خسيس ڪم ڪرڻ کان نٿو گسي ۽ پڇاڙيءَ تائين نينهن جو ناتو نباهي ٿو. ساڳيءَ طرح ڄام تماچي، جو هڪ بادشاه آهي، سو پنهنجو باشاهي رعب ڇڏي هڪ ماڇياڻيءَ کي پنهنجي پٽ راڻي ٿو بڻائي. مٿيان ٽيئي سورما جيڪڏهن چاهين ها ته اڄڪلهه جي ڪن نوجوانن وانگر پنهنجين پريتمائن سان عشق ڪري ساڻن لائون لهڻ کان نٿو اڪر وارين ها.

ائين آهي ته شاهه سهڻي، سسئي ۽ مارو ئيءَ جي لوڪ ڪهاڻين وارن پيرن ۾ ڪي روحاني نڪتا ڏنا

هن جيڪي ان زماني جي حالتن جي مجبوري ڏيکارين ٿا. انهن کي ولي ڪن عالمن ۽ نقادن اهو سڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته شاهه رڳو روحاني شاعر هو ۽ هن جي سيني بيتن مان ڇڪي ڇڪي روحاني معنائون ٿي ڪڍيون اٿن. هي رخ صحيح ڪونهي. ڇو ته شاهه ڪو روحاني رهبر يا جوڳي ڪونه هو. هو بنيادي شاعر هو.

البت ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته شاهه کي پنهنجو فلسفو ضرور آهي، جيڪو آهي تصوف جو فلسفو. هر ڪنهن سچي اديب کي زندگيءَ بابت ڪونه ڪو فلسفو يا ڪو نظريو يا نقطه نگاهه ٿيندي آهي. دنيا جا وڏا وڏا اديب به ان چيز کان آجا ڪونهن ۽ اهو ڪو عيب ڪونهي. پر شاهه تصوف جو فلسفو انڪري ڪونه اختيار ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته هو هڪ روحاني رهبر هو يا جوڳي هو پر اهو ان زماني جو هڪ وڏو فلسفو هو. هر ڪو فلسفو حالتن جي پيدائش ٿيندو آهي. تصوف جو فلسفو پڻ خاص حالتن جي پيدائش هو. اهو اسلام مذهب جي پيدا ٿيڻ کانپوءِ پيدا ٿيو آهي، جيتوڻيڪ انجا ڪي عناصر يوناني فيلسوف پلئٽو جي فيلسوفيءَ ۽ ويدانت ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ان وقت ايران ۾ بين اسلامي ديسن ۾ بجود اسلامي برادريءَ ۾ ذات پات ۽ نسل ۽ غريب شاهوڪار جو ڀيد پيدا ٿيو ۽ اسلام جي مساوات (برابري) کي وساريو

وڌو. مولوين ۽ ملن، شريعت جي نالي ۾ عام ماڻهن کي خوب پيڙيو. صوفين کي اهڙين حالتن سان مقابلو ڪرڻ ڪري ڪيترو ظلم سهڻو پيو. ان ڏس ۾ منصور ۽ عطار جا نالا ته جڳ مشهور آهن.

تصوف کي "وحدت الوجود" يا "همه اوست" جو فلسفو چوندا آهن. جنهن جو مطلب اهو آهي ته هن دنيا جو حقيقي بنياد هڪ خدا آهي ۽ هيءَ سڄي سرشتي هن جو عڪس آهي. هن ويچار، ان ڀيد کي ختم ڪري ڇڏيو ته خدا هن دنيا کان مٿي آسمان جو ئي رهندڙ آهي ۽ ان، خدا ۽ انسان جو سنبنڌ ڀوءِ جي بنياد تي نه پر محبت جي بنياد تي رکيو. تصوف، جدا جدا مذهبن جي ماڻهن جي وچ ۾ ميلاپ جو ڏهلاءُ ڪيو. ان جاگيرداري نظام جي مردار رسمن ۽ رواجن جي ڪڙي مخالفت ڪئي. اهو ظاهر پرستيءَ جي خلاف هو. ان انسان دوستيءَ ۽ رواداريءَ جي سکيا ڏني. پر اها حقيقت آهي ته پنهنجي پڇاڙيءَ جي دور ۾ تصوف هڪ ڏيکاءُ بڻجي پيو. صوفي ڪيترن ئي انهن خرابين جو شڪار ٿي پيا، جن جي هنن مخالفت پئي ڪئي، مثلا مزار پرستي، سماع پرستي، وهم پرستي تعويذ ڦيڻا، جادو ٽوڻا، پيري مريدي وغيره.

شاهه جي شعر ۾ تصوف جا سڀ سٺا عناصر موجود نظر اچن ٿا. هو هڪ ٺيٺ مسلمان جي سيد ڪٽنب مان آيو ته به هو اسلام جو پرچارڪ ڪونهي. هن سڄي

ڌرمن جي ميلاپ جي سڪيا ڏني. هندن ۽ مسلمانن ۾ جيڪي خاميون ڏٺائين، تن کي هو ننڊڻ کان نه هٻڪيو آهي. چوي ٿو:

”اُن پر نه ايمان، جن ڪلمي کي ڪوڙائين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.“
”ڪوڙو تون ڪفر سين! ڪافر ۾ ڪوتاه
هندو هڏ نه آهين، جڻيو تون نه جڳاءِ!
تلڪ تنهين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.“

شاهه پيت جي پوڄارين ۽ ڏيکاءَ پسند ٻيونگين ملن مولوين ۽ جوڳين جي نه چڱي ڇنڊڇاڻ لاٿي آهي. چوي ٿو:

”گولا جي گراهه جا جوتا سي جوڳي
قتل او قوڳي، جنهين شڪم سانديا.“
”جنهن سناسي سانڍيو، گندي ۽ گراهه
انين ڪان الله، اڇا اڳاهون ٿيو.“

هڪ سچي صوفيءَ جي حيثيت ۾ شاهه لطيف پنهنجي شعر ۾ نه رڳو ڏيکاءَ پسندن، ڪٽر پنٿين ۽ تعصبين جا ڇوڏا لاٿا آهن، پر جدا جدا مذهبن جي ماڻهن جي وچ ۾ رواداري ۽ ڪشادهه دليءَ جو احساس، سهڻن شهپارن جي پاران پڻ پيدا ڪئي آهي. هو مسلمان هو، ان هوندي به هن ڪيترائي اهڙا شعر لکيا آهن، جنهن مسلم مذهب سان وابستگيءَ سان ڪري واسطو ڪوٺجي، پر اهڙي هندو ڌرم ۽ حياتيءَ سان به تعلق رکن ٿا، نه رڳو تعلق رکن

ٿا پر مذهبي نقطءِ نگاهه کان اهي اسلام جي سکيا جي ور ڌ ليکن ٿا، جنهن کي مسلم ليڪڪن جو ويچار آهي. اهڙا شعر ڏيکارين ٿا تہ هو آزاد خيال ۽ کشادهہ دل هو. جنهن کري ئي هن هندن جي ريتين رسمن، هلت چلت، وهنوار ويچار جو اڀياس ڪيو ۽ ڏينهن جا ڏينهن هندن جي تيرٿن ۽ مندرن جي زيارت ڪئي ۽ هندو جوڳين ۽ سنياسين سان صحبت ڪئي. شاهہ جڏهن انهن جو پنهنجن بيتن ۾ بيان ٿو ڪري تڏهن ائين ٿو لڳي تہ اهي ڪنهن هندوءَ جا ئي چيل آهن. اهڙا بيت رسالي ۾ گهڻيئي آهن، اصل سرن جا سر. هتي جنس طور ڪي مثال ڏجن ٿا:-

١- جي پائين جوڳي ٿيا تہ پر گروءَ جي پار،
هوائون هنگلاج ڏي، ويندي سڀ وسار،
نانگا! ناٿ نهار، ساهي! وڃ ڏيءِ سڪ سين.

٢- هر هر ڪن هرنام، ڏوئن ڏهاڙي ڏوتي.
جن نہ ڏيٺو رام، نت نہ نمي تن کي.

٣- سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سهسين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جڙيئي مال، تہ پوڄارا پر ٿئين.

٤- اڀيون تر پوڄين وهون وڻجارن جون،
آڻيو آکا ڏين ڪستوري سمونڊ کي.

شاهہ ڀٽائيءَ جي آزاد خيالي، کشاده دلي ۽ رواداري جي احساس جو، جڏهن ان زماني جي تاريخي پس

معطر ۾ مطالعو ڪجي ٿو ته هنجو ۽ هنجي شعر جو قدر ٻيڻو ٿيو پوي.

سندس زماني جا ڪلهوڙا حاڪم مذهبي رنگ ۾ رتل هئا. مذهب جي آڙ ۾ هنن رعيت کي ڏاڍو آزاريو. ان ٻاري ۾ سنڌ جو ٻرک اڳوان جي - ايم - سيد لکي ٿو، ”ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ مذهب جي نالي ۾ مخالفن کي موت جي سزا تائين سزائون ڏنيون ويئون. غير مسلمانن کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ جو هڪ دستور ٿي ويو هو. مذهبي تعصب وڏي ويل هو. مذهبي آزادي يا اعتقادي اختلاف برداشت نه ڪيا ويندا هئا.“

جي - ايم - سيد پنهنجي مٿئين راءِ جي پٺڀرائي ۾ غلام شاه ڪلهوڙي جو هڪ فرمان به ڏنو آهي، جنهنجو ذڪر محمد صديق ميمڻ پنهنجي ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ پڻ ڪيو آهي. فرمان ۾ جا ٽايل آهي، ”... هندن کي چوٽين رکائڻ، ڌوتين پائڻ ۽ دڪانن تي گوڏا اگهاڙا ڪري وهڻ کان منع ڪئي وڃي. مسلمانن کي منهن کان ننڍي ڏاڙهي ڇڏائڻ، ڏاڙهيءَ جا خط ونائڻ ۽ مڇن رکائڻ تي بندش وڌي وڃي. هندن کي هولي، ٻگت ۾ سرود، شرنائي، ڊهل، ناد وڄائڻ کان منع ڪئي وڃي. هندن کي ٻنن ۽ درياءَ جي اڳيان سجدو ڪرڻ (متو ٽيڪڻ) کان روڪيو وڃي. سڀئي ڏيکاوِل جملي حڪمن لاءِ عملدار ڪلهوڙ ڪسال ۽ سڀني کان ڪم وٺي، حڪمن جي ڀنواري ڪن ۽ انهن جي ڏوهاري ماڻهن

کي اهڙيون سزائون ڏين جن رعيت مان ڪو به اهڙو ڪم ڪري نه سگهي. ازانسواءِ ماڻهن کي نماز، روزن ۽ ٻين عبادتن لاءِ تاڪيد ڪيو ويو. انهن حڪمن جي بجا آوري ۾ ڪا به انهرافي نه ٿيڻ گهرجي."

۽ پٺاڻي گهوٽ ان مذهبي جنون کي هي ٿو جواب ڏئي:-

"جو تو لک لتوار، وٺ ٽڻ واڻي هيڪڙي،
سيئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همه **منصور** هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين؟"

"**ملن** منو ماءُ، پٽو قتو پيٽ ۾،
سڄاڻي الله ٿبي ڏنائون ڏوڙ ۾."

"روزا ۽ نمازون، اي ٻڻ چڱو ڪم،
اهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي."

"اکر پڙهي اياڳيا **قاضي** ٿيهه ڪتاءُ،
ٻيرائين ۽ پاٺئين ابڏا اٿن نه آءُ،
ان سرڪيءَ سند و ساءُ پهچ **عزازيل** کان."

هڙا شعر، رسالي ۾ ٿورا ڪرنهن. اهو ئي سبب آهي جنهنڪري ڪلهوڙا حاڪم، شاهه جي برخلاف هئا. شاهه جو نور محمد ڪلهوڙي سان ٽڪر نه مشهور آهي، جنهن ۾ نور محمد جي ئي شڪست ٿي ۽ شاهه هنجي سٽيل منصوبن جو شڪار ٿي نه سگهيو. انڪري ائين چوڻ غلط نه ٿيندو نه اساڻي پياري شاهه، حڪمران ۽ مذهبي اڳوانن، جيڪي سندس ٿي مذهب جا هئا،

تن خلاف آواز اٿاريو. البت ان جو روپ، رنگ ۽ ٻولي ان زماني جا هئا، جيڪو اڄوڪي زماني کان گهڻو گهڻو قديم هو.

مون مٿي ٻڌايو آهي ته ڪيئن جاگيردار زماني ۾ نه فقط سنڌ ۽ هند ۾، پر ساري دنيا ۾ حڪومت ۽ مذهب (جيڪي ٻئي اڪثر ٻت هوندا هئا) خلاف اعتراض يا تقاضائون اڪثر مذهبي شڪل ۾ ئي پيش ڪيون وينديون هيون. صوفي هلچل پڻ هڪ اهڙو اعتراض هئي، جنهن اعتراض کي دٻائڻ لاءِ صوفين کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو، هنن کي لامذهبين ۽ ناستڪن جي خطابن سان ياد ڪيو ويو ۽ کين اسلام جا دشمن سمجهيو ويو. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته صوفين حڪومت ۽ مذهب جي ڏاڍاين ۽ ڌڪاڻن جو مقابلو ڪيو.

تصوف جو فلسفو، جنهنجو بنياد اسلام تي هو، تنهن اسلام جي ڪيترين ڳالهين جي مخالفت ڪئي. مثلا اسلام ماڻهن ۽ خدا جو تعلق ”ڊپ“ تي رکيو آهي، پر صوفين ان بدران ”محبت“ تي رکيو. يعني ته خدا، هنن لاءِ هڪ پريتم آهي ۽ نه قيامت جو ڏڻي. اسلام عزازيل کي ننديو آهي ته صوفين هنجي ساراهه جا ڍڪ ڀريا آهن. اسلام راڳ جو ورودي آهي ته صوفي راڳ کي ساهه سمجهن. اسلام روزن نمازن کي هر هڪ مسلمان لاءِ لازمي ٺهرايو آهي، پر صوفي خدا جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ انهنکي لازمي نه سمجهن. ٿوري ۾ صوفين لاءِ

سچو مذهب آهي محبت - محبت جيڪا ٻن منزلن مان لنگهي ٿي ۔ هڪ مجازي ٻي حقيقي. مجازي محبت ڪانسواءِ حقيقي محبت جي منزل تي رسڻ لاءِ دنيا کي ترڪ ڪرڻو آهي. ان ڪري پريم سان گڏ تياڳ ڀاونا پڻ تصوف ۾ هڪ اهم جڳهه والاري ٿي.

هن تياڳ ڀاونا جو هڪ ٻيو پهلو بہ آهي جيڪو تاريخي آهي. جاگيرداري دور ۾ حاڪمن ۽ رعيت، خاص ڪري ڪسانن (جنکي پنهنجون زمينون هيون) جي وچ ۾ ٽڪر پيو لڳندو هو. ۽ رعيت ۾ مقابلي جي طاقت پيدا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري سمجهيو ويو تہ عارضي طرح هنن پنهنجي مال ملڪيت لاءِ تياڳ ڀاونا پيدا ڪئي وڃي، جيئن هو ٻي ڌرڪ حاڪمن ۽ زميندارن سان لڙي سگهن. جڏهن هنن ۾ پنهنجن زمين جي کسجي وڃڻ جو ڊپ هوندو تہ هو پوريءَ طرح مقابلو ڪري نہ سگهندا. ليڪن ان پهلوءَ جو نفي رخ پڻ آهي تہ حڪمران طبقي ٿي پنهنجي ظلم کان هيٺين طبقي جو ڌيان ٻيءَ دنيا ڏانهن ڇڪائڻ لاءِ ٿي تياڳ ڀاونا کي خاقيو. هنن ويچارن کي وڌيڪ ڇنڊ ڪرڻ جي گنجائش آهي پر ان لاءِ اختيارين سان گڏ ڪنهن خاص ليک جي ضرورت آهي ۽ هيئر هنکي هتي ٿي ڇڏجي ٿو.

مٿي ڏنل سين تہ صوفي هلچل حڪومت ۽ مذهب جي پابندين خلاف اعتراضي هلچل هئي. شاهہ جي شعر

۾ ان اعتراض جي تصوير ملي ٿي، ڪٿي ڀرپور ڪٿي جهڪي.

شاهه جو تصوف آفيم ناهي جيڪو گهيرت ڪارائي، مايوس بڻائي، پر اهو آهي، جيڪو عمل لاءِ للڪاريندو رهي ٿو:-

"جان جيئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري
ٽڌيءَ ڪوسيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي."

"سوريهه مرڻ سوڀ کي ته دل جا وهم وسار"

"جنين سڪ ناهه ڪو، چارڻ سي چڙهن؛
رڄن راهه پڄن، متي ڪلهن ڪيترا."

شاهه جي رسالي ۾ مٿين قسم جا گهڻيئي بيت آهن جي پڙهندي انساني فراريت فرار ٿي وڃي ٿي ۽ زندگي ۾ ايندڙ مصيبتن کي منهن ڏيڻ جو اعتقاد ۽ قوت پيدا ٿين ٿا. اهو انڪري آهي جو هڪ سچي صوفيءَ جي ناتي شاهه کي انسان سان اٿاهه محبت آهي، جنهنجو اظهار خاص طور تي سر - ماروئي، سارنگ ۽ ڏهر ۾ ڪيل آهي.

سر ماروئي ۾ شاهه هڪ هيٺين طبقي جي فرد، پورهيت پنهوارڻ ماروئي جي حب الوطنيءَ جو جيڪو اعليٰ جذبو پيش ڪيو آهي، سو مونکي هندي ۽ اردوءَ جي ان دور جي "صوفي ۽ ڀڳتي هلچل" وارن شاعرن ۾ نه ٿو ڏسڻ ۾ اچي. هن سر ۾ شاهه، ملير جي مسڪين سنگهارن ۽ پنهوارن ۽ ٿر جي خسيس جهڙن - ڀڳن ۽ ٻهن

شاهه لطيف جي سر مارئي ۾ وطني حب جو جيڪو
اعليٰ جذبو سمايل آهي، ان بابت ڪيترن ئي ليکڪن
قلم هلايو آهي. مان فقط ان ڳالهه ڏانهن ڌيان
ڇڪائيندس. هڪ اها ته شاهه وطني حب جو جذبو
هيٺئين طبقي جي مفلس محنت ڪش مارئي جي
معرفت ظاهر ڪيو آهي، جو ڏيکاري ٿو ته شاهه محسوس
ڪيو ٿي ته جيڪو هيٺيون طبقو آهي سو مٿئين طبقي
جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وطن دوست آهي؛ اهو پنهنجي
وطن تان موري مٽيءَ ۾ هڏ پڌ نه ڪندو، آڳو پيڇو نه
سوچيندو؛ اهائي ڳالهه پيو ٻواريندو:

"واجهائي وطن کي ساري ساهه ڏيان!

... ... ... ...

مياڻيءَ جيان جي وڃي مڙهه ملير ڏي"

حقيقت ۾ شاهه جو اهو احساس ان زماني جي ذاتي
اڀياس مان ئي پيدا ٿيل آهي. هن پنهنجين اکين سان
ڏٺو ته ڪيئن نه جڏهن سنڌ تي نادرشاهه ڪاهي آيو
تڏهن نور محمد ڪلهوڙو جيڪو سنڌ جو حاڪم هو،
سو هن جو مقابلو ڪرڻ بدران ڀڄي ويو هو. ساڳي حالت
هئي مٿئين طبقي جي ٻين فردن- جاگيردارن، سردارن،
نوابن، اميرن وغيره جي، جنکي پنهنجي وطن جي
ڀيٽ ۾ پنهنجو عيش عشرت وڌيڪ پيارو هو.

ٻي ڳالهه اها آهي ته وطن دوستي- قوم پرستيءَ
جو جذبو، جو خاص طور سرمايداري نظام جو نتيجو

هو، سو ان زماني جي زبردست تقاضا هو، جنهن
کان اسانجي پياري شاعر منهن نه موڙيو. جاگيرداري
نظام ۾ حاڪم، ملڪن جا ٺڪرن جا ٺڪر جاگيردارن،
سردارن، نوابن کي ڏيئي ڇڏيندا هئا، جنهجي عيوض
هو ڪانئس لشڪر جي مدد وٺندا هئا. سنڌ ۾ شاهه
جي وقت پڻ اهڙو سرشتو هو، جنهنجا ڏينهن اچي
پيا هئا ۽ جنهنجي جاءِ والارڻ لاءِ سرمايداري سرشتو
جنم وٺي رهيو هو، جو جاگيرداري سرشتي جي ڀيٽ
۾ وڌيڪ ترقي پسند سرشتو آهي. اتهاس ڏانهن نظر
ڊوڙائيندي اسانکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته جڏهن جڏهن
پيداوار جو هڪ سرشتو اڳتي هلي سماج لاءِ مدي
خارج ثابت ٿيو آهي، تڏهن تڏهن ٻئي سرشتي اچي
ان جي جڳهه والاري آهي، جيڪو اڳئين جي ڀيٽ ۾
وڌيڪ ترقي پسند آهي. وطن دوستيءَ جي جذبي
جاگيرداري سرشتي جي مدي خارج عناصرن کي
زبردست ڌڪ هنيو. اهو عام ماڻهن کي جاگيردارن،
نوابن، سردارن جي ظلم کان آجو ٿيڻ جو جذبو هو. شاهه
ان جذبي جو هڪ پورهيت پورهيارڻ جي واتان اظهار
ڪري نه رڳو وقت جو سڏ اونايو، بلڪ هڪ ترقي پسند
ڀاڱو ادا ڪيو.

سر سارنگ نه آهي ٿي هارين ۽ سنگهارن جو سُر.
ان باب پڻ گهڻو ئي ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ شاهه
جون هيٺيون سٽون نه ڪلاسڪ بڻجي ويون آهن؛

"جن مهانگو لهي مڙئو، سي ڳا هڻ هڻن،
پنهنجن منجهان پنڌرهن ٿيا، ائين ڳا وڙ وڙن،
ڏڪارڻا ڏيهه مان، شال موڙي سڀ مڙن."

جيڪڏهن الهاسڪ درشٽيءَ سان ڏسبو ته مٿين بيت ۾ شاهه رڳو ڏڪارن ۽ چور مارڪيٽ ڪندڙن تي پٽ نٿو وسائي جنهن ٻين لفظن ۾ چيو آهي، پر سرمائيداري سماج جي بنياد تي تنقيد پڻ ڏني ٿو. اسانکي سڌ آهي ته سرمائيداري سماج جو بنياد آهي ٿي نفعي تي - مهانگو لهي ميڙڻ ۽ پنهنجن مان پنڌرهن ڪرڻ. جيڪڏهن اهو بنياد ڪڍبو وڃي ته سڄو سرمائيداري سرشتو اچي پٽ پوي. اهو شاهه جهڙو اعليٰ شاعر آهي، جنهن ڪوزي ۾ ساگر سمايو آهي، جيڪو ٽن بيتن ۾ سرمائيداري سرشتي جو بنياد به ٻڌائي ٿو ته ان جي لوٽ ڪسوٽ تي لعنت به وجهي ٿو.

شاهه جي ٻين سرن ۾ پڻ ان سرمائيداري سرشتي جي قدرن جي جهلڪ ملي ٿي. "ليلا چنيسر" جو سڄو قصو ٻڌل ئي سون ۽ هيرن جي هار تي آهي. ليلا ان هار تي هرڪجي پنهنجي پتيءَ کي هڪ رات لاءِ ڪونروءَ کي وڪيو.

مٺي مٺي جي هئا، تن چئن ڦيرايم چت
هار ڪئنديس هوڏ ۾، نيهه ٿيندم لت
ڪونروءَ جو ڪرت، منهن مٿاهون ٿئو.

ائين آهي ته ان سر ۾ استريءَ جي لالچ ۽ مٺي

لاءِ ڪمزوريءَ واري سياءَ جو ڇٽر نه آهي، پر ساڳئي
وقت سرمائيداري قدرن جي جهلڪ پڻ ڏنل آهي.
سرمائيداري سرشتي انسان جا سڀ قدر ناڻي - سون، ۾ ئي
ٻهاريا آهن. پر جاگيرداري نظام ۾ ائين نه هو. ان
ناڻي ۽ سون جي موهه گهٽيئي خوار ڪيا آهن.

مٺي لئي موهجي، هاري! ڳيڙهه هار
ڪوڙين ڪيا ڪيترا انهين خر خوار.

سر سورٺ ۾ جاگيرداري ۽ سرمائيداري قدرن جي
ڪشمڪش ڏسڻ ۾ اچي ٿي. راءِ ڏياچ جاگيرداري
قدرن جو عيوضي آهي. هو سخاوت جو صاحب آهي
۽ قول تي پورو آهي.

”مٿو مٿائين گهورينان، مٿو ٿو مٿاءِ،
هڏو هي هٿ ڪري، ڄاڄڪ! وهلو ڄاءِ،
تو سين انيراءِ جم واچا ۾ ولهو وهين.“

سرمائيداري سرشتي ۾ ناڻي جي رشتن انساني قدرن
کي ڪچلي ڇڏيو آهي. جنهن انيراءِ ”سونن ٽڪن“
جي ذريعي ئي راءِ ڏياچ جو سر وڍائڻ ۾ سوڀ حاصل
ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هن سر ۾ جاگيرداري سرشتي
جي سرمائيداري سرشتي اڳيان شڪست ڏيکاريل آهي،
جيڪا لازمي هئي، ڇو ته جاگيرداري سرشتو پنهنجا
ڏينهن پورا ڪري چڪو هو) جيتوڻيڪ انهن کي قدر
اڄ به سٺا ليکيا وڃن ٿا) ۽ سرمائيداري سرشتو جيڪو
وڌيڪ ترقي پسند هو (جيتوڻيڪ انهن کي قدر شروعات

کان ئي خراب آهن) تنهنڪري انهي جڳهه ولڻي هئي.
هن وشيه کي وڌيڪ صاف ڪرڻ جي ضرورت آهي،
جيڪا ٻئي ڪنهن ليک ۾ پوري ڪندس.

شاهه جي شعر ۾ ڪيترن ڪاريگرن ۽ هنرمندن جو
ذڪر اچي ٿو انهو مکيه سبب اهو ٿو ڏسجي ته ان
زماني ۾ انهن ڪاريگرن ۽ هنرمندن جو طبقو وڏي
رهيو آهي. سرمائيداري طبقو، ان طبقي مان اسريو آهي.

ان مان ائين سمجهڻ کپي ته شاهه سرمائيداري يا
جاگيرداري طبقي جو شاعر آهي. حقيقت ۾ شاهه سنڌ ي
جنتا جو شاعر آهي. هنکي سنڌ جي مٽيءَ ۽ ماڻهوءَ
سان بي پايان محبت آهي. ڏسو ته سندس دل ۾
ڏکوين لاءِ ڪيترو نه بي پاهه درد اکل آهي.
چوي ٿو:-

”پيٽي جا پرياس، سا ماڪ ۾ پسو ماڙهئا!
روئي ڇڙي راس، ڏسي ڏکوين کي.“

ڏکوين کي دلداري ۾ خوب ٿو ڏئي، چوي ٿو:-

”اڄ سوڻن وارئون ڪرئون سوڻن جي پچار
ڪن گهٽا ڪن ٿورا، ڪالهه سوڻن ڏار.“

مٿين بيت مان اجتماعي جذبو (**Collective spirit**)
ظاهر آهي، جيڪو شاهه جي ڪيترن شعرن ۾ سمائل
آهي. هي ڏسو:-

”ڏڄ ڏاڙڻ ڏار رهيا، اي ته سکهارن سٿ،

ڪاهي ايندا ڪڏهين متي واليا وهاڻ.“
”ڏڪيو جان نه مڙن، تان تان پنڌ نه ٿئي.“
”ڇيج ۾ قطاران سانت چڙهندو اکئين
مچرط تيئن پٺان وڃي وائي نه لهين.“

ٿوري ۾، شاهه جي شعر جي پس منظر ڪي مون تاريخي، مادي ۽ سماجي نقط نگاهه کان ڏٺو آهي جنهن مان اهو سڌ ٿئي ٿو ته شاهه پنهنجي اڪثر ڪوتا ۾ پنهنجي ملڪ جي سچائي ڏني آهي ۽ سٺن ۽ ٿون قدرن جي حمايت ڪئي آهي.

# ڀارت جو سنڌي ساهت

ورهاڱي بعد گذريل پاءُ صديءَ ۾ سنڌ ۽ هند ۾ جيتري ترقي سنڌي ساهت ڪئي آهي، اوتري مشڪل سان ان همڪال اڳي ڪڏهن ڪئي هجي. ان ترقيءَ جي تاريخ لاءِ نه خاص شاهي گرنٿ، لکڻو پوندم ۽ نه هڪ مضمون. الڪري هتي رڳو ڀارت جي سنڌي ساهت جي جهلڪ ڏيڻ تائين ئي محدود رکڻو ٿو پوم.

ڀارت ۾ لڏي اچڻ شرط سنڌي ساهتڪارن ئي سڀ کان اول "جلاوطني ئي ويڙهه" "سنڌ ۽ سنڌيت وسارڻو" جي وعظن ۽ لعنتن جو وزوڪ ڪري پنهنجي ٻولي، لپي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ کي زنده رکڻ لاءِ ڪوشش ڪئي.

ان ۾ خاص ڪري ترقي پسند ليکڪ سڀني کان اڳرا رهيا.
هنن هڪ طرف سنڌي ٻوليءَ جي تسلسيءَ جي هلچل
هلائي سوڀ حاصل ڪئي ته ٻئي طرف خوب ساهت
لکيائون. هنن سنڌيت ۽ سماجواد جي ويچارن ۽ ادب
برائي زندگيءَ جي نظريي سان ٻين ليکڪن کي به متاثر
ڪيو.

ترقي پسند ليکڪن لاءِ اها ڪا گهٽ فخر جي ڳالهه
ڪانهي ته اڄ ”سنڌيت“ سڄي سنڌي قوم جو آدرش
۽ ”سماجواد“ ساري ديس جو آدرش بڻجي چڪي آهي.
اِهي ٻئي وقت جون تقاضائون هيون جيڪي ترقي پسند
ليکڪن بخوبيءَ محسوس ڪيون، جنکي پورو ڪرڻ لاءِ
هنن بزرگ ليکڪن کان به سهڪار ۽ داد حاصل ڪيو،
جن به پنهنجي سر سنڌي ساهت کي خوب اوج ڏني آهي.

پهرئون بزرگ ۾ بزرگ ليکڪ جنهن ترقي پسند ليکڪن
سان گڏجي ڪم ڪيو سو هو لعلچند امرڏنومل. هن ڪيئن
داد ڏيندي ”لات“ ڪتاب ۾ لکيو، ”ساميواد ۽
ڪميونواد جو پرچار منجهن رلي ڇيل آهي. پوءِ به هن
پرڪار جو ساهت اها ڪا اندر واري ٽند ڇوري ٿو جو
رڳون پيئون رباب جيان وڄن. سهسين سنڌ جا هندو
نرواسي اهڙي ساهت کي رچيءَ سان، اُس امنگ سان
واچين ٿا .... ڪنهن ڪنهن سکوڙ جي ويچارن سان ڪنهن
هر ڪلهي منهن آهي ٿا، ته به جنهن شاهاڻي آساليءَ سان هو

قلم هلائي ٿو، انهيءَ کي زبان ۾ رکي، هيءَ ڳالهه مڃڻي پوي ٿي ته هو جيڪي لکيو ته نه هن نيت سان ته لوڪ کيس اٿائي لکندڙ ڪري ليکين، پر پارٽ به جو پنهنجي جيون جهڙو جيو آهي، سو پارٽ جهڙن سان سنمک ٿي ساڻن انهيءَ حيثيت ۾ ڳالهيون ٿو ڪري...."

لعلچند پڇاڙيءَ ۾ پارٽ بـــه رشيا، ليئن ۽ سوشلسٽ وچارن جو حامي بڻجندو ٿي ويو، جنهن هندواسي جـــي ١٥- آگسٽ ١٩٥٣ واري پرچي ۾ ڇپيل سندس آخرين ليک مان ظاهر آهي. اُن ليک کان ڪجهه وقت پوءِ هو گذاري ويو ۽ پنهنجي پٺيان "سنڌي ساهت جي ڪجهه ماپ" نالي اڻڇپيل ڪتاب ڇڏي ويو. هو ئي پهريون ليکڪ هو جنهن وصيت ڪئي هئي ته سندس ديهانت پڄاڻان هنجون هاڻيون سنڌو نديءَ ۾ پرواهه ڪيون وڃن جيڪي برابر ڪيون ويئون.

پيو بزرگ ليکڪ، جيڪو ورهاڱي کان اڳيئي ترقي پسند ليکڪن سان سنڌ ۾ لڳ وچڙ ۾ هو ۽ هتي اچڻ سان ساڻن ڪلهو ڪلهي ۾ لائي ڪم ڪيائين، سو آهـــي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي. هُن بمبئيءَ جي سنڌي ساهت منڊل ۾ (جنهنجو هو ڪيترا سال پريزيڊنٽ رهيو) ترقي پسند ۽ پين ليکڪن کي اُتساهت ڪيو ۽ موٽ ۾ ڪاڻن به متاثر ٿيو، جنهنجي جهلڪ هنجي ناٽڪن جي مجموعي، "جيون ڇهڪنا" ۽ سندس لکيل تنقيدي مضمونن مان ملي ٿي.

پروفيسر ملڪاڻيءَ جديد سنڌي ايڪانڪيءَ جي باني طور انگي خوب وڌايو ويجهايو آهي. سندس ٻه ٻيا ناٽڪن جا مجموعا آهن "پاپ ڪين پڄ" ۽ "ٽڙيا ٽيپتا پيا ٽمڪن" جنهن اڇوتن مسئلن تي بردباريءَ ۽ بيباڪيءَ سان لکيل ناٽڪ ڏنل آهن. هنجو يادگار ۽ يگانو ڪتاب آهي "سنڌي نثر جي تاريخ." هنجا ٻه ڪتاب ادبي اصول ۽ ٻچڙي ٻالڙا ڀارت ۾ ڇپيل پنهنجي قسم جا پهريان ڪتاب آهن.

ٽيون بزرگ نثر نويس جنهنجو ترقي پسند ليکڪن سان اختلاف ٻه هو ته ڪڏهن ساڻن گڏجي ٻه ڪم ڪيو هو، سو آهي پروفيسر ايل. ايڇ اجواڻي. هنجا مضمون "اڇل" ڪتاب ۾ ڇپيل آهن جن مان سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي ساهت بابت لکيل مضمون اهم آهن. ساميءَ جي مضمون ۾ ساميءَ کي "جنتا جو شاعر" ۽ "لوڪشاهي جو قائل" سڏي پروفيسر صاحب ترقي پسند ليکڪن کان ٻه گوءِ کڻي ويو آهي. پروفيسر جو يادگار ڪتاب آهي انگريزيءَ ۾ لکيل سنڌي ساهت جو اتهاس.

پروفيسر رام پنجواڻي جنهن ٻه پروفيسر ملڪاڻيءَ ۽ اجواڻيءَ وانگر ترقي پسند ليکڪن سان گڏجي ڪم ڪيو هو، تنهن ٻه ڪي ناول لکي نوانءَ سان سنڌي ساهت ۾ اضافو ڪيو آهي. سندس مکيه ناول آهي "ڏيٺر ته جهڙن" جهڙن تي ٻام ۾ لکيل آهي. هنجو اهو مشهور ڪتاب آهي

جيوت ۽ سنڌيت جي تصوير اصطلاحن سان ٽمٽار ٻوليءَ ۾ ڇپيل آهي. ١٩٥٦ ۾ ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس کان موٽڻ بعد هنجي وچارن ترقي پسنديءَ ڏانهن وک وڌائي هئي ۽ اڃا ٻه چار شعر مس لکيا هئائين ته موت کيس اسانکان کسي ورتو. سندس ڪلام آلاپ صبا ۾ قلمبند آهي.

ٻيون بزرگ نظم نويس آهي ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي. جنهنجا ٽي مجموعا ڇپيل آهن: رنگين رباعيون، روح ڏنو ريلو ۽ پرهه جي باک، پهرئين مان رباعي جي فن ۾ ماهريت ته پوئين مان آزاد نظم جي قابليت ظاهر آهي. ٽيون مجموعو اڄوڪي جيوت جي دلڪش تصوير آهي ۽ سچ پچ پره ڦٽي جي باک وانگر پوتر ۽ پيارو آهي ۽ اڄڪلهه جي نئين ڪوتا جي قائل ڪن ڪوين لاءِ مثال آهي.

هري دلگير، پرڀو وفا ۽ نارائڻ شيام جيتوڻيڪ بزرگ شاعرن جي قطار ۾ داخل ناهن ته به هنن بزرگ ليکڪن وانگر ٽي ورهاڱي کان اڳ پنهنجو ڌاڪو ڄمايو هو. جنهنجي ورهاڱي بعد ته خوب اضافو آندو اٿن ته ترقي پسند شاعريءَ کي به ترقي ڏني اٿن. دلگير جي خاص خوبي آهي سليساڻي، وفا جي خوبي آهي رواني ۽ شيام جي خاص خوبي آهي گهرائي. دلگير جو هڪ مجموعو موج ڪئي موراڻ ۽ وفا جا ٻه مجموعا پرواز ۽ جهڙڪار ڇپيل

آهي ۾ شيام جا اڄ ڏهن مجموعا آهن: پنکڙيون، رنگ رتي لهر، روشن ڇانورو، ماڪ ڀنا رابيل، واريءَ ڀريو پلاند ۽ آڇيندي لڄ مران. تنهي ڪوبه نه رڳو شعر جي بغاوت کي ۽ روپ کي پڻ اوج ڏني آهي. شيام پنهنجن ٻين ساٿين کان وڌيڪ ٽڪڙي وڪ وڌائي رهيو آهي.

ٻه رڳه ليکڪن کانپوءِ انهن ترقي پسند ليکڪن جي ٽهي اچي ٿي جن پنهنجو ساهتڪ جيون ورهاڱي کان اڳ ئي ١٩٤١-١٩٤٢ واري دور ۾ شروع ڪيو هو ۽ ان زماني ۾ ٻي مهاڀاري جنگ ۽ آزاديءَ جي هلچل جاري هئي. هنن ليکڪن آزادي حاصل ڪرڻ کانسواءِ سماج کي ختم ڪري نئين سماجوادي سماج جي حق ۾ زندگيءَ جي سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ پهلن تي قلم آزمائي ڪئي ۽ ”ڪلا، ڪلا لاءِ“ واري نظريي جي ڀيٽ ۾ ”ڪلا، جيون لاءِ“ واري نظريي جي زوردار حمايت ڪئي.

اهي ليکڪ آهن گوبند پنجابي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪرشن کٽواڻي، ارجن شاد، سگن آهوجا، آنند گولاڻي، ليلو رچنداڻي ۽ ٻيا. جن ورهاڱي کانپوءِ گهڻي وقت لاءِ قلم آزمائي ڪئي آهي. اهڙا ٻيا به ترقي پسند ليکڪ هئا، جن ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ اچي اڪا ٻڪا رچنا لکي، خاموشي اختيار ڪئي.

هنن ليکڪن ان سنڌي ساهت جي هر شاخ ۾ اضافو

کيو آهي ۽ ڪهاڻيءَ کي نہ خاص اوج ڏني آهي. ترقي پسند ڪهاڻيءَ جو باني گوبند پنجابي آهي، جنهن ورهاڱي بعد هڪ سؤ کن ڪهاڻيون لکيون آهن، ليڪن سندس رڳو هڪ مجموعو "سورج مکي" ڇپيل آهي. ڪيرت باباڻيءَ جا ٻہ مجموعا "هوءَ" ۽ "درد جو دل ۾ سمائجي نہ سگهيو." ڪرشن کٽواڻي جا ٻہ مجموعا "وندري" ۽ "منڙي نو نہ سڄالو" سگهن آهوجا جا ٻہ مجموعا "پياري چيز" ۽ "بي آگ جلن تا پروانا" آنند گولاڻي جا ٻـــ ٻہ مجموعا "نئون جنم ونندس" ۽ "راڻيون" ۽ الم جي ڪهاڻين جو هڪ مجموعو "ڪشمڪش" ڇپيل آهي.

گوبند مالهيءَ ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ ناول نويسيءَ کـــي اوج ڏني آهي. هنجا ڏهن کان مٿي ناول ڇپيا آهن جن مان مکيہ آهن: پکيڙا ولر کان وڇڙيا، شرم بولـــي، ڏٺي پرڏٺي ٿيا، ديسي سيٺ ڪجن، سنڌوءَ جـــي ڪناري، پريم جي پياس. هن ناٽڪ بہ لکيا آهن جنجو هڪ مجموعو گهوٽ ڪنوار راضي بہ ڇپيل اٿس.

ڪرشن کٽواڻي جو بہ هڪ نـــاول منڙي سنڌ ۽ ناولٽ امر پيار ڇپيل آهي. آنند گولاڻي جو مذاقي ناول مهرو ۽

سگڻ آهوجا جو ناول "ڪنول جاڳي اٿيا" ڇپيل آهي. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ورڇ ناٽڪن جو مجموعو "سوريءَ سڄ ڪيو" ڇپيل آهي.

اُتم اَدبي تنقيدي ۽ تحقيقي ليکڪ جي ڏس ۾ وک وڌائي آهي ۽ ست مجموعا شايع ڪيا آهن جن مان مکيه آهن: ٽئگور - هڪ جهلڪ، سنڌي ساهت، لينن ڀارت جو دوست، مهاتما ۽ لينن.

ليلي رچنداڻي ورڇ سنڌي ٻوليءَ ۽ اتهاس جي کوجنا تي ٻه ڪتاب سنڌوءَ جي جهلڪ ۽ سنڌو درشن ڪڍيا آهن، جن ۾ نئين روشني ڏنل آهي.

سگڻ آهوجا جيڪو ڪهاڻي ۽ ناول نويس کان وڌيڪ ڪوي هو تنهنجو هڪ مجموعو اَرمان نالي نڪتل آهي اهڙو ئي مجموعو ارجن شاد جو آءُ گهڻين جو ڳائيندڙ آهيان نالي نڪتل آهي. هنجو ٻيو س تي تنقيدي ڪتاب ٻـــ ڇپايل آهي ۽ غزل تي سنڌي ۾ ٿيسز لکي پي. ايڇ. ڊي. ورتي اٿس.

هن ترقي پسندن جي رچنائن جا وشيه گونا گون آهن، جهڙڪي سنڌ، سنڌيت، سنڌي جيون ۽ سماجواد سان سمبنڌ رکن ٿا ۽ وقت جي تقاضا پٽاندڙ آهن انهن ۾ ڀالت

پالت جا روپ به ڪم آندل آهن. جيڪڏهن ڪير انهن رچنائن کي رڳو پرچار ۽ نعريبازي ڪري ٿو ڪٽا ڪري ڇڏي ٿو ته اهو نه رڳو انتهاپسنديءَ ۽ بغض جو شڪار آهي پر سنڌي ساهت سان پڻ بي انصافي ٿو ڪري، ڇو ته هنن ليکڪن مان هرهڪ جون ڪجهه نه ڪجهه رچنائون ڪلا ۽ وقت جي ڪسوٽي تي ڪسجي کريون ثابت ٿيون آهن ۽ ڪنهن به دور جي سنڌي ليکڪن جي سٺين رچنائن سان برميچي سگهن ٿيون.

هنن ترقي پسندن کانسواءِ هڪ ٻيو سنڌي همعصر ليکڪ چندولعل جيسنگهاڻي آهي جنهن به ڪافي ناول لکيا آهن. جن مان خاص ذڪرقابل آهي پهاڙي چوٽيون ۽ ين ين ين.

هن ٽهيءَ کان پوءِ جيڪا ٽهي پيدا ٿي تنهن ۾ اڌ کن ته ترقي پسنديءَ جا قائل آهن، باقي اڌ ترقي پسنديءَ جا حامي ڪونهن، جيتوڻيڪ انهن مان به ڪنهن ڪي وقت ترقي پسنديءَ جا طرفدار ضرور هئا ۽ اهڙيون رچنائون به لکيون هئائون. انهن ليکڪن ترقي پسندن لي خوب جلهيون ڪيون ۽ سندن ادا ڪيل رول ۽ اهميت کان انڪار ڪيائون. پر

منھيدن جي ترقي پسندن جي رول کي قبولين ٿا.

ھن ٿھيءَ جا ليکڪ آھن: موھن ڪلپنا، سندري اُتمچنداڻي، ڪرشن راھي، مولي پرڪاش، آنچل، گنو سامتاڻي، گوردن ٻارٽي، پوپٽي ھيرانندداڻي، چيتانند ٽاب، ڪلا پرڪاش، واسديو نرمل، ڪلا پرڪاش، تارا ميرچنداڻي، ارجن سڪايل، لکميچند پريم، لڇمڻ ڪومل، اندر ڀوڄواڻي، قتن پرسواڻي، ايم سڳن، ارجن حاسد، منوھرلعل، لوڪناٿ جيٽلي، سروج نارواڻي، موھن گيھاڻي، ھاسو داگيا، ڪيرت مھرچنداڻي، لعل پشپ، ستيش روھڙا، شيوو رامناڻي، داس ”طالب“، ھريڪانت، ڪي. ايس. ٻالاڻي، اجھل، ايم-ڪمل، جگديش لڇاڻي، گنومل دوداڻي، نارائڻ ڀارتي، ھري ھمٿاڻي.

ھن ليکڪن ۾ سنڌي ساھت جي سيني شاخن کي وڌايو ويجھايو آھي. ٿورن ڪانسواءِ ٻين گھڻن جا جيڪي رچنائن جا مجموعا نڪتل آھن انھن مان اھم آھن: ڪلپنا جا فرشتن جي دنيا ۽ چاندني ۽ زھر (ڪھاڻيون) آوارا، سرڳ جي ڳولا ۽ جلاوطني (ناول) اڃا رات باقي آ (ريڊيو ناٽڪ). سندريءَ جا اڃا-وار ٽاٽڙھا گل ۽ تو جھڙين جي ھاڻي ھدن ان انتھاپسند رخ کي بدلايو آھي ۽ باوجود

پنجاھہ سال (تنقيد) ايم ڪمل - ٽنڊ جاڳ ۽ جهرڪيءَ جي (شعر) جڳديش لڇاڻي - سنڌي ساهت جي روپ ريکا (ادبي تاريخ) دوداڻي - ڦيڻگون (ڪهاڻيون) نارائڻ ڀارتي - سنڌي لوڪ ڪلا (مضمون). هري همٿاڻي - پريم ۽ پياس (ناول).

هن پيڙهيءَ جي غير ترقي پسند ليکڪن جي پنهنجي رچنائن ۾ اڳين پيڙهي وارن کان نراليون چيزون ڏنيون آهن، اُتي هنن جيڏيون چيزون به ڏنيون آهن جن لاءِ هو ڪين نڪته چيني ڪندا هئا. انڪري هو ان ڳالهه لاءِ نئين پيڙهيءَ جي نڪته چيني جو شڪار ٿيا آهن.

هن نئين پيڙهيءَ جا سرگرم ليکڪ آهن: هريش واسواڻي، ايشور چندر، وشنو ڀاٽيا، شيام جئسنگهاڻي، هيرو شيوڪاڻي، برج موهن، واسديو موهي، موهن ديپ، پريم پرڪاش، گوردتن تنواڻي، نندلعل، آنند کيماڻي، ناري پدم، ڀڳوان ٽلواڻي، سندر اگناڻي، لڇمڻ ڀمياڻي، لکمي کلاڻي، ٽيڪچند مست، سندر حشمتراءِ، ايم. جي. گرناڻي، ديولڻ راهي ۽ ڦتن سکواڻي.

هن ٽهيءَ جا اڪثر ليکڪ پاڻکي نه ترقي پسند ۽ نه غير ترقي پسند سڏائيندا آهن ۽ ڪيترا ته پاڻکي هر چيز کان بغاوت ڪندڙ سمجهندا آهن، جيتوڻيڪ پنهنجي رچنائن ۾ ساڳي وقت زندگيءَ جو هڪ طرفو جانبداريءَ وارو رخ جٿن جو تٿن نقل ڪري پيش ڪندا آهن، جنهن ڪاهه

آهي ڏنگ ۽ پريم پرڪاش جو ناٽڪ- پڪنڪ ۽ ڦلتن سکواڻي
جون ڪهاڻيون پيار ۽ تڪرار.

هيءَ نه جهلڪ آهي رڳو ان ساهت جي جيڪو مجموعن ۾ آندل آهي، پر ان کان گهڻو وڌيڪ ساهت نه مخزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهي، جيڪو نه رڳو پنهنجي سر اهم آهي، پر اهو ڪن انهن اهم ليکڪن جو به آهي جن جو ڪو به ڪتاب اڃا نه ڇپيو آهي.

ائين آهي نه مخزنن ۾ اهو پيو ڪجهه به ڇپيل آهي جيڪو شخصي ڇڙهت ۽ ڇتاڻيٽي، بغض ۽ ساڙ هڪٻئي جي پٺي ٺپ سان به ڀريل آهي جيڪو وقت جي ولر چڙهڻ سان لڙهي ويڻ وارو آهي. اهو به هڪ سبب آهي جيڪو ساهت جي وڪاس کي ڌڪ هڻي رهيو آهي، جنهن ڪجهه سالن کان ڏسي رهيا آهيون.

باقي اصولن ۽ آدرشن جو ٽڪر، ولڇارن ۽ ولڇار ڌارائن جي ولڙهه. ليکڪن ۽ پراڻي جدو جهد، سنائي ۽ خرابي جي جي ڪشمڪش، زندگي ۽ موت جو مقابلو، ساهت جي ميدان ۾ اڳ کان وڌي هلندو آيو آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ به لکي رهيو آهي. ۽ ان جڏهن ۾ ملي. ذڪر ڪيل جنهن لکي پڙهڻ جا ليکڪ سنڌيءَ يا السنڌيءَ طرح طرفدار رهيا آهن.

# تڪڙي ۽ صحيح سپلاءِ واسطي

فون ڪريو نمبر ٣٥٢٥٥١ تي

اچي ڳالهه جو

## پيگوٽي ائنڊ ڪمپني

لکپڙه ڪريو

پتو: ٣٢١، ويٺلڀائي پٽيل روڊ، بمبئي-٤

موٽر لارين جي سڀني گهرجن لاءِ

اسانجي اسپيشل لائين آهي — اسٽينڊرڊ ٢٠-
هيرالڊ - اسٽينڊرڊ ڏهه هارس پاور ۽ ونگارڊ.
انکانسواءِ ايمبسيڊر - فيئٽ ۽ آسٽن
انگريزي لارين ۽ موٽرن وغيره لاءِ
اسان وٽ اچو.

# جنرل موٽـــر مـــارٽ

پيٽرول ڊيزل - ڪار ۽ ٽرڪ جي پرزن جا

خاص ماهر

پتو:- ١٣، ٽاگنداس مينشن، گرگام روڊ، بمبئي-۴.

فون:- آفيس (٣٥٦٩١٠) ۽

گهر (٥٢٨١٢۴—٥٢١٩٦۴—٥٣٥٦٥٢)

# ڪمار موٽـــر اِسٽورس

ولپي جيپ جي پرزن جا خاص ماهر

پتو:- ١٢-بي، بينهام لين، بمبئي-۴.

فون:- ٣٥٥۴٦٧ تار: Frinch Marks

هڪ دفعو اسان وٽ ضرور اچو

# هري سنس HARISONS

٣٢۴، وٺل ڀائي پٽيل روڊ، بمبئي-۴

فون: ٣٥۴٢٨١

# کاليداس

هر ڪو اديب پنهنجي پنهنجي دور جي پيداش آهي. هنجي ادب جي اوڪ ڏوڪ ڪرڻ لاءِ، سندس زماني جي حالتن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي ڪاليداس ڪير هو، ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو هو ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ نپنو هو؟ اهي سڀ ڳالهيون اڄ تائين ڳجهيون رهيون آهن. ڪاليداس جي زندگيءَ متعلق جيتري واد وواد هلي آهي، سا ٻئي ڪنهن ساهتڪا جي زندگيءَ متعلق مشڪل هلي آهي. ڪن هنکي عيسوي سنه کان ٣٠٠، ٤٠٠ سال اڳ ته ڪن عيسوي سنه کان ٥٠٠، ٦٠٠ سال پوءِ جو رهاڪو ڄاڻايو آهي. ڪن هنکي اُجين جو ته ڪن ڪشمير جو ته ڪن بنگال جو رهواسي سڏيو آهي ليڪن گهڻا اتهاسڪار ان مت سان شامل آهن ته هو عيسوي سنه کان هڪ صدي کن اڳ اُجين ۾ ڄائو هو ۽ راجا وڪرماجيت جي "نورتن"

مان هڪ هو. ”ڪاليداس ڪاميٽيءَ“ هنجي جنم ڏينهن ملهائڻ جو ڏينهن نومبر ۾ مقرر ڪيو آهي.

ڪاليداس جي دور ۾ انساني شعور اڃا رڙهيون پائي رهيو هو. سماج تي ديوتائون ۽ راجائون ڇانيل هئا، ان دور جي ساهت ۾ اڪثر ڪري ديوتائن ۽ راجائن جون ئي وارتائون لکيل آهن. مگر انهن ۾ ديوتائن ۽ راجائن جي وڏائيءَ جا ئي گيت نه ڳايا ويا آهن، پر انهن سان گڏ اهي حقيقتون، نصيحتون ۽ خيال پڻ پيش ٿيل آهن، جن ۾ نه فقط انساني زندگيءَ جي تصوير ڪشي ڪيل آهي، پر انکي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش به ڪيل آهي ۽ انهن اڄ تائين دلچسپي نه وڃائي آهي.

ڪاليداس جي رچنائن پڙهڻ سان اها ڳالهه بخوبي سمجهه ۾ اچي ٿي. ڇو ته هنکي گذرئي به هزارن سال ٿي ويا آهن ته به سندس رچنائون اڄ به انسان ۾ دلچسپي پيدا ڪن ٿيون. ڪي ان دلچسپيءَ جو ڪارڻ رڳو سندس ڪلا ۾ ڳوليندا آهن، هو هنجي تشبيهن، شرنگار رس، سندرتا جي ورنن جي خوب واکاڻ ڪندا آهن، پر سندس پيش ڪيل انساني عناصر کي ڀلجي ويندا آهن. هو اهو نه ٻڌائيندا آهن ته ليکڪ انسان کي ڪهڙو پيغام ڏنو آهي، زندگيءَ بابت ڪهڙو نظريو پيش ڪيو آهي. هيءُ رخ صحيح ڪونهي، ڇو ته ڪنهن به اعليٰ ليکڪ رڳو پنهنجي ڪلا جي نمائش لاءِ قلم هٿ ۾ نه

رامچندر، اڄ، شو ۽ يکش هنن کي عزت جي نگاھ
سان ڏسندا. راجا دشينت اڄ ۽ يکش پنهنجين استرين
جي فراق ۾ جهرن ٿا. رامچندر ۽ اڄ ٻي شادي ڪرڻ
کان انڪار ڪندا. راجا اڄ پنهنجي استريءَ کي
"ساٿي، گهر، خزانو ۽ خوشي" ڪري ٿو سمجهي. شو
چوي ٿو، "ڌرمي جيوت لاءِ پرڻ سان پتنيءَ جي ضرورت
آهي." ان زماني ۾ جڏهن عورت اڄڪلهه جي زماني
کان به وڌيڪ، مرد جي غلام هئي، تڏهن استري کي
مرد جو ساٿي سمجهڻ ۽ هنن عزت پيدا ڪرڻ جي
ڪوشش هڪ ترقي پسند معنيٰ رکيٿي.

ڪاليداس جو آدرشي راجا ڪهڙو آهي؟ اهو جو
رعيت کي سکي رکي. انکي علم ڏئي، انجي سنڀال
ڪري ۽ انجو پالڻ پوشڻ ڪري. هو جيڪي ڍلون ڪنيون
ڪري سي رعيت جي لاءِ ئي ڪم آڻي. پرجا جي ڏانهن
ڪوڪ ٻڌي ۽ پورو انصاف ڪري، جنهن ملڪ ۾ نه
چوري چڪاري ٿئي، نه بيماري پوي ۽ نه ڏڪار پوي.
نڪو شوق، نڪو ناٽڪو هنکي پنهنجي فرض کان هٽائي.
توري ۾ راجا کي پنهنجي "بادشاهت" کي "استريءَ"
وانگر پيار ڪرڻو ڪهي. ڪاليداس هنن سڀني ڳالهين جو
ورڻن "رگهونش" ۾ جدا جدا راجائن جي حالتن و قصه
ڪيو آهي. ڪاليداس جي آدرشي حڪومت جي معنيٰ
اڄ جي اي نظامي راڄ ۾ ڪهڙي نه اهميت ٿي رکي.
ڪي شايد ائين سمجهن ته ڪاليداس صرف راجائن

جيوتش جي جهلڪ گهٽ ملي ٿي، جيتوڻيڪ ميگهدوت ۾
ڪبير ديوتا جي سراپ ڏنل يڪش لاءِ ڏيکاريل همدردي
۽ اُروشي ناٽڪ جي درٻان جي پڙاڏي دکي حالت مان
ظاهر آهي ته هنکي عام ماڻهن لاءِ پيار هو.

ڪاليداس ڌرمي ڳالهين ۾ آزاد خيال هو. "رگهونش"
۾ لکيو، "سڀ پنت هڪ ئي چڱائي ڏانهن وٺي هلن ٿا."
هو روايت پرستيءَ جي بلڪل خلاف هو. پنهنجي ناٽڪ
"مالويڪا ۽ اگني مترا" ۾ لکيو، "هر ڪا شيءِ جنهن
تي پراچينتا جي مهر لڳل آهي، سٺي ناهي." هي ٻئي
الا انوقت جي حالتن موجب هنجي نئون پسند خيالات
ثابت ٿا ڏين.

ڪاليداس جو انسانيت ۾ اٽوٽ وشواس هو. "ڪمار
سنڀو" ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو، "انسان جو انسان لاءِ پيار
نه بدلجندو ۽ هميشه قائم رهندو." ٻئي هنڌ چوي ٿو،
"جڏهن توهين تمهن سان گڏجي ڳالهائيندي بولائيندي
ست ايب وکون اڳتي وڌو ٿا ته هڪٻئي ۾ دوستيءَ
جو ناتو پيدا ٿئي ٿو." هي ڏيکاري ٿو ته ڪاليداس انسانيت
جي لاءِ بيحد پيار ۽ همدردي جو جذبو نه ڪانکي هو. اڄ
انسان جي خلاف
ڪاليداس جو انسان
ي بدلائڻ ۾ هٿي

# اي. جي. اُتم جا ٻيا ڪتاب

| | |
|---|---|
| ڪشمڪش (سنڌي ڪهاڻيون) | ۳-۰۰ |
| سنڌي ساهت (ادبي ۽ تنقيدي مضمون) | ۳-۰۰ |
| ٽئگور - هڪ جهلڪ (تنقيدي ڪتاب) | ۱-۵۰ |
| ڀارت جو دوست لينن (نهرو امن انعامي ڪتاب) | ۳-۰۰ |
| مهاتما ۽ لينن (ڀارت ۾ ههڙو پهريون ڪتاب) | ۲-۰۰ |
| ڀارت روس دوستي (نهرو امن انعامي ڪوجنالمڪ ڪتاب) | ۳-۰۰ |
| سوويت سرڳ | ۰-۷۵ |
| هڪ ڇوڪري، ڇويهه ماڻهو (گورڪي جون ڪهاڻيون) | ۴-۰۰ |
| پيار ۽ واسنا (ٽالسٽاءِ جو ناول) | ۱-۵۰ |
| روپ ۽ بهروپ (خواجه عباس جو ناول) | ۱-۵۰ |
| انسان جو نصيب (شولو خوف جو ناوليٽ) | ۱-۰۰ |


نئين دنيا پبلشرس

اي-۴ هيراباد مئنشن

سيتلاديوي روڊ، ماهم، بمبئي ١٦